وَقُلْ جَآءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ ۭ اِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوْقًا ﴿٨١﴾

# فيض الخليل

مصنف
مولوي محمد الياس خليلي گجو مدرس مدرسه مجدديه حسينيه ابراهيميه
گلزار خليل تعلقو سامارو ضلعو عمرڪوٽ

الحمد لله رب العالمين: جامعه مجدديه حسينيه ابراهيميه گلزار خليل شريف جي طرف کان حضرت قبله پير محمد ايوب جان فاروقي سرهندي جن جن سرپرستي ۾ هڪ "**بزم افادات خليل**" رضي الله تعاليٰ عنه جي نالي سان تيار ڪئي آهي. ان جو مقصد صرف الله تعاليٰ جو رضامنده حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ مسلڪ اهسلنت والجماعت جو ڪم ڪرڻو آهي. **(يعني حضرت قبله مرشد ڪريم قيوم الزمان خواجه محمد ابراهيم جان فاروقي سرهندي رحمة الله عليه جن جا لکيل ڪتاب ڇاپائڻ، انهن ڪتابن جا مختلف ٻولين ۾ تراجم ڪرائڻ ۽ خانقاه عاليه دارالارشاد گلزار خليل جي طرفان رسالو شايع ڪرڻ)** انهي سان گڏ و گڏ ديني جلسه مختلف شهرن ۾ ڪرائڻ آهي.

سيني سني مسلمانن ڀائرن کي گذارش آهي ته جيڪو هن ڪارخير ۾ سهڪار ڪرڻ لاءِ هن "**بزم افادات خليل**" ۾ داخل ٿيڻ چاهي اهو هنن نمبرن تي رابطو ڪري.

فقط والسلام

0302-2661786
0331-4456786

چپائيندڙ جا حق ۽ واسطا قائم

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | فيض الخليل |
| موضوع | : | اهل سنت والجماعت جا عقيدا |
| مؤلف | : | مولوي محمد الياس خليلي گجو |
| ڇپيندڙ | : | پارس پرنٽنگ پريس گاڏي کاتو حيدرآباد |
| ڪمپوزنگ | : | شاهجهان سولنگي ۽ رحمة الله خاصخيلي |
| سال اشاعت | | |
| ڇاپو پهريون | : | ربيع الاول 1432 ھ |
| ڇاپو ٻيو | : | ربيع الاول 1436 ھ |
| قيمت | : | 60 روپيه |
| پروف ريڊنگ | : | مولوي عبدالرحيم عباسي خليلي |
| ڇپائيندڙ | : | مولوي محمد الياس گجو خليلي |

ملڻ جا هنڌ

1. مدرسه مجدديه حُسينيه ابراهيميه گلزار خليل تعلقو سامارو ضلعو عمرڪوٽ
2. مدرسه مجدديه انوار خليل ڳوٺ ڇڇي گجو تعلقو ننگر پار ڪر ضلعو ٿرپارڪر.
3. عباس گجو ڳوٺ ڇڇي گجو تعلقو ننگرپارڪر ضلعو ٿرپارڪر.

فهرست

# مؤلف جو تعارف

ٿر جي جواهرن کان وڌيڪ جرڪندڙ پٽن ۾ ڪيترن ئي محب ماڻهن جنم ورتو، جن جي زندگي مختلف ميدانن، مثلاً علم، ادب، شاعري ۽ روحاني ترقيءَ ۾ پنهنجي ذهانت جو ڏاڪو ڄمايو ۽ پنهنجو پاڻ ملهايو آهي. ٿر جي سنهري مٽيءَ مان جيڪي سرها گل ڦٽي نڪتا، جن جي سڳنڌ ننگر واسيو. انهن مان روحانيت جا مرڪز ميون حامد الله سائد، حضرت قبله صوفي ميون محمد صديق، صوفي عبد الحڪيم خاصخيلي گرياڇو، ميون بلاول، ميون رڪن الدين سمو، احمد فقير ابدال گجو، محمود شاهه غازي ٻورلي محمود شاهه ۽ ٻادل فقير راڄڙ.

هونئن ته ڪوڙ سارا عالم ٿي گذريا آهن، پر انهن مان ڪجهه مفتي درمحمد لنجو وروائي، مولوي محمد امين سائد ساهو سائد، مولانا جلال الدين سنگراسي ڏاڪلو، مولوي غلام رسول چانڊيو ڪيپليون، مولوي عبد الهادي چانڊيو راوتسر، مولوي حاجي عبد الواحد گجوسمي جي ويري ۽ مولوي محمد عالم جوٽيجو منڙيو آهن.

ڪتاب "فيض الخليل" جي مؤلف مولوي محمد الياس گجو جو تعلق به روحانيت، علم، ۽ ادب جي ڄاڻ رکندڙ ٿرجي نرم نازڪ ۽ سڳنڌ ڀري مٽي سان آهي. سندس ذات ۾ اهي خوبيون، خصلتون نظر اچن ٿيون، جيڪي گلزار خليل جي غوث جي فيض جي دريا واري پاڻيءَ جي آبياري سان سر سبز آهن. اهو ٿر جنهن لاءِ چوٽي آهي ته "وٺو ته ٿر نه ته بر" سو سچ پچ ته وسڻ کان سواءِ به ڪير جي ٿر ڪان وڌيڪ منو ۽ موچارو لڳي ٿو، چو ته ٿر ۾ اونهاري توڙي سياري ۾ مولوي محمد الياس جهڙا گل موجود آهن. گلزار خليل مان وهندڙ فيض جو درياءُ ٿر جي پٽن کي معرفت، روحانيت ۽ ظاهري علم سان اڃي فيضياب ڪندو. مولوي محمد الياس گجو جن تاريخ پهرين مارچ 1980ع ڏاري تعلقي ننگر پار ڪرجي ڳوٺ ڇڇي گجو جي غريب گهراڻي ۾ گل محمد گجو جي گهر ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم پرواري ڳوٺ سمي جي ويري ۾ استاد محمد عاقل سائد، استاد عبد الله ۽ استاد ابوبڪر راڄڙ وٽ پڙهي. گڏو گڏ قرآن پاڪ ۽ فارسي مڪمل مولوي حاجي عبد الواحد گجو جي مدرسي ۾ استاد انور علي گجو ۽ استاد محمد ابراهيم گجو ڪان حاصل ڪئي. ان بعد وڌيڪ تعليم جي اڃ اجهائڻ لاءِ ڪجهه وقت ميمڻ ڪنري ۾ مولوي حافظ محمد لنڊ بلوچ وٽ پڙهيا. پوءِ 1997ع ۾ گلزار خليل ۾ حضرت علامه مفتي محمد ڄام خليلي سائد وٽ درس نظامي مڪمل ڪيائين. تاريخ 14 ربيع الاول 1423ھ ۾ دستار بندي ڪئي. مولوي صاحب بهترين شاعر به آهي ۽ شاعري ۾ سندس استاد منهنجو آقا الحاج حڪيم الامت پير محمد ابراهيم جان فاروقي سرهندي قدس سره آهي. مولانا جي علم جو اندازو انهيءَ ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته پاڻ هن وقت ان مشهور ومعروف اداري گلزار خليل ۾ فارسي عربي ۽ فتويٰ جو ڪم سرانجام ڏيئي رهيا آهن. پاڻ فارغ به ان فيض ڀري مدرسي جا آهن. مولوي صاحب جي عاجزي، خير، صلاح، ڪينڪار، ملڻي جهلڻي مان هر اهو ماڻهو واقف هوندو، جنهن کي ملاقات جي جهلڪ نصيب ٿي هوندي. مون کي وڌيڪ مولوي صاحب جي ذات تي لکڻ جي ضرورت به ڪانهي، چو ته مولوي انهيءَ مقام جو خدمت گار آهي جتي هو پنهنجي معيار کي پاڻ ئي نمايان ڪري رهيو آهي. سندن نثر نگاري جي علم جي هڪڙي جهلڪ پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي. هر پڙهندڙ سندس علم جو اندازو لڳائي سگهي ٿو. شال مولوي صاحب کي الله تعاليٰ دين ۽ دنيا جون ترقيون نصيب فرمائي ۽ ويراوير وڌ فرمائي.



اين دعا ازمن واز جمله جهان آمين باد

فقط : انور علي چانڊيو صديقاڻي خليلي نقشبندي

ڳوٺ ڪيپليون تعلقو ننگر پارڪر

## تقريظ

### از شيخ طريقت رهبر شريعت حضرت قبله سائين جان آغا جان فاروقي مجددي سرهندي مدظله العالي

هو المستعان

الحمد رب العالمين الرحمان الرحيم مالک يوم الدين والصلوة والسلام علي سيد الانبياءِ والمرسلين سيدنا و مولانا محمد و عليٰ آلِہ اصحابہِ اجمعين

بعد حمد و صلات مدرسه جامع مجدديه حسينيه گلزار خليل شريف جي فاضل بهترين عالم دين مفتي ۽ فرض شناس لائق ترين مدرس جناب مولانا محمد الياس گجو خليلي صاحب زيده مجده جن جو تصنيف ڪيل ڪتاب فيض الخليل نظر مان گذريو علامه موصوف تمام عرق ريزي سان باطل فرقن جي رد ۾ دلائل ۽ براهين جو وڏو ذخيرو هن ڪتاب ۾ درج ڪيو آهي. مطالعي ڪان پوءِ اها خبر پوي ٿي ته سندس مطالعو تمام وسيع آهي پاڻ جهڙي طرح تدريسي ميدان ۾ پنهنجي جوهر ڏيکاري رهيو آهي بلڪل اهڙي طرح تصنيف جي ميدان ۾ به هي بهترين مدلل ڪتاب لکي پنهنجو پاڻ کي مڃرايو اٿس. منهنجي مرشد ڪريم قطب العارفين غوث المحققين قيوم جهان مجدد مائة حاضره سيدي و مولائي خواجه خواجگان حضرت خواجه محمد ابراهيم جان سرهندي مجددي فاروقي قدس سره جن مولوي صاحب جي سند فراغت تي جيد جو اکر پنهنجن مبارڪن هٿن سان لکيو هئائون اها سندن نگاهِ ڪرم آهي جو مولوي محمد الياس بهترين عالم ۽ اديب ٿيو آهي.

سندس وڏي خوبي ڪم گوئي ۽ سادگي آهي الله سبحانه و تعاليٰ جي حضور دعا آهي ته سندس هيءُ تصنيف عندالله مقبول ٿئي ۽ عوام الناس جمله جماعت سڳوري کي عرض آهي ته هيءُ ڪتاب وڌ کان وڌ خريد ڪري پڙهي پنهنجي ايمان کي مضبوط ڪن. هيو ڪل خير.

فقط العبد خاڪپاءِ صا حبدلان **جان آغا** سرهندي مجددي عفي عنه

گلزار خليل شريف 3 صفر المظفر 1436ھ



## تقريظ

### از حضرت علامه مفتي استادي محمد ڄام خليلي نقشبندي سائد مدظله العالي

محترم مولانا محمد الياس صاحب دام شرفه املھ هيرا وڏي محنت ۽ جاکوڙ سان گڏ ڪري هن ڪتاب ۾ محفوظ ڪيا آهن. اميد ته الله ﷻ ۽ سهڻي حبيب پاڪ عليه الصلوات والتسليمات جا سچا محبتي هيءُ ڪتاب پڙهي، پنهنجو اندر ٺاريندا ۽ اسان جي موصوف مولوي صاحب کي پنهنجي دلي دعائن سان نوازيندا. شال رب پاڪ مولانا محمد الياس خليلي صاحب کي علم ۽ عمل سان ڀرپور ڪري ۽ سندس قلم کي زور قوت حق نويسي عطا فرمائي.

اين دعا از من و از جمله جهان آمين باد. وصلي الله تعاليٰ عليٰ خير خلقه سيدنا ومولانا محمد وآلہِ واصحابہِ واحبابہِ وبارک وسلم

احقر العباد

محمد ڄام خليلي سائد

خادم مدرسه انوار خليل مجدديه ڳوٺ حاجي ڪبير خان ڄسڪاڻي نزد جهڏو

11 ربيع الاول 1428ھ مطابق 2007-3-31ع

## تقريظ

### از حضرت علامه مولانا عبد الحليم هاليپوٽو مدظله العالي

صبر ۽ سادگيءَ جو اعليٰ نمونو، ڪم گو، خاموش طبع مَنْ صَمَتَ نَجَا "جنهن ماٺ ڪئي، سو ڇٽي ويو." جو عملي تفسير نيستيءَ جي رنگ ۾ پاڻ کي رنگيو وينو آهي. رڳو گهڻ ڳالهائڻ واري خوبيءَ جو ڏٺي ٺي ڪونہ آهي، پر ٻيون عادتون، جن کي گهڻ رکڻ ڪمال آهي ۽ وڌائڻ وبال، انهن کي گهڻ رکڻ ۾ بہ هن ماڻهوءَ جو ڪو مٽ نظر ڪونہ ٿو اچي. يعني گهڻ سمهڻ، گهڻ گفتگو ڪرڻ، گهڻ کلڻ، کائڻ بہ گهڻ واري نصيحت تي پورو پورو عمل آهي، باعمل عالم مولانا محمد الياس خليلي صاحب چڱو مدرس، سٺو فقيه، ٺاهوڪو شاعر آهي. سندس انهن خوبين کان اسين اڳي بہ ڪنهن حد تائين آگاه هئاسون، پر پاڻ پلو نثر نگار بہ آهي، اها خبر اسان کي ڪانہ هئي. اوچتو فيض الخليل نالي لکيل سندس هيءَ ڪتاب جيڪو اوهان جي هٿ ۾ آهي، تنهن جو مواد حوالي ڪندي چيائين تہ هن کي ڏسجو. هڪڙي ذميواري جيڪا مون کي ملي، تنهن جو حق ڪما حقه ادا ڪندي ڪتاب جو مواد مون باقاعدي پڙهيو. اڄ ڪلهہ دستور اهو جاري آهي تہ نظر ثاني جي لاءِ مليل ڪتابن جي مواد کي بزرگ پڙهندا ڪونہ آهن، رکي ڇڏيندا آهن، ڪجهہ وقت کان پوءِ انهيءَ ڪتاب کي سرسري نظر سان ڏسندا آهن يا وري لکندا آهن تہ هِتان، هُتان ڪٿان ڪٿان ڪتاب پڙهيو ويو ۽ پوءِ ڏٺيءَ کي واپس ڪري ڇڏيندا آهن. گويا ڪتاب بنظر غائر پڙهڻ ۽ علم وفن جي ڪسوٽي تي پرکڻ نظر ثاني ڪرڻ واري بزرگ جي ذميواري ئي ڪا نہ هئي! يادش بخير، ولي سروري مرحوم فرمائيندو هو، تہ ابا! اڄ ڪلهہ ماڻهو ڪتاب کي پڙهندا ڪو نہ آهن رڳو سنگهندا آهن. مون نظر ثاني جي ذميواري کي امانت سمجهي، هيءَ ڪتاب سربستو پڙهيو ۽ پوري ذميواري سان چوان ٿو تہ ڏاڍو مفيد آهي. خصوصًا هن ڪتاب جو پنجون ۽ آخري بابہ وسيلي جي بيان وارو مون کي ڏاڍو وڻيو جو "مختلف فيه" مسئلن مان انهي مسئلي تي عالم سڳورا پنهنجي تحرير ۽تقرير ۾ گهڻ بحث ڪندا آهن. اها ڪمي پوري ڪرڻ جي مولانا محمد الياس سٺي ڪوشش فرمائي آهي. بسم الله ڪري پڙهڻ شروع ڪريو هٿ جي ڪنگڻ کي آرسي ڪهڙي. ڪتاب پڙهي ڪتاب جي باري ۾ منهنجي راءِ سان اوهان اتفاق ڪندا اهو مون کي يقين آهي. دعا ڪجي ٿي تہ الله رب العزت حضرت محمد الياس جي هن ڪاوش کي قبوليت جو شرف بخشي ۽ ڪيس علمي ۽ قلمي خدمتن جي وڌيڪ توفيق عطا فرمائي. اين دعا ازمن واز جمله جهان-آمين باد.

عبد الحليم هاليپوٽو

بچاءُ بند، ضلع عمر ڪوٽ



## تقريظ

### از حضرت علامه مولانا عبد الرزاق "مهراڻ" سڪندري مدظله العالي

نحمده ونصلي ونسلم عليٰ رسوله الڪريم.

اسلام جا داعي ۽ مجاهد قرون اول کان اسلام ۽ شارع اسلام يعني حضور نبي ڪريم، رؤف، رحيم عليه الف الف التحيه والتسليم جن جي ذات اطهر سان سچي عقيدت جو اظهار پنهنجي تقرير ۽ تحرير ۾ ڪندا پيا آيا آهن. جهاد جا خاص ٽي قسم آهن. هڪ جهاد بالسيف، ٻيو جهاد بالقلم ۽ ٽيون جهاد بالنفس. جهاد بالقلم جو ذمو عالمن سڳورن پنهنجي سرتي کنيو ۽ اهي احسن طريقي سان ان کي نڀائي رهيا آهن. حديث پاڪ ۾ اچي ٿو تہ نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن ارشاد فرمايو تہ يوزن يوم القيٰمة مداد العلماءِ ودم الشهداءِ فيرجح مداد العلماءِ عليٰ دم الشهداءِ قيامت جي ڏينهن عالمن سڳورن جي لکڻ وارن قلمن جي مس کي توريو ويندو ۽ شهيدن جي رت کي بہ توريو ويندو، پوءِ شهيدن جي رت کان عالمن سڳورن جي قلم جي مس وزن واري ٿيندي. حقاني عالم سڳورا پنهنجي علم جي نشرو اشاعت، تدريس، تقرير ۽ تحرير ذريعي ڪندا رهندا آهن. تازو اسان جي نوجوان فاضل حضرت علامه مولانا محمد الياس گجو خليلي زيد مجده جن جو لکيل ڪتاب "فيض الخليل" نظر مان گذريو. مولانا موصوف صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ جن بہ پنجن موضوعن تي بحث ڪيو آهي. انهن مان هر هڪ موضوع تي قرآن، حديث، مستند تفسيرن ۽ مشاهير علماء جي تصنيفات مان حوالا ڏيئي ڪتاب کي مزين ۽ مستند بنايو آهي. مستند حوالن پڙهڻ کان پوءِ ڪو بہ عقلمند ان جو انڪار نٿو ڪري سگهي، مگر ضد ۽ تعصب جو تہ ڪو علاج بہ نہ آهي:

گرنہ بيند بروز شپر چشم   چشمه آفتاب راچہ گناه؟

آخر ۾ ڏٺي در دعا آهي تہ پنهنجي حبيب ڪريم رؤف رحيم ﷺ جن جي صدقي هن ڪتاب جي پڙهندڙن کي اهل سنت والجماعت جي عقيدي تي پختگي ۽ ثابت قدمي نصيب فرمائي ۽ مولانا موصوف جي علم ۽ عمل ۾ وڌيڪ ترقي ۽ اضافو فرمائي. آمين بجاه سيد المرسلين صلي الله وآله واصحابه اجمعين: فقير عبد الرزاق مهراڻ سڪندري خادم دار العلوم لطيفيه سانگهڙ سنڌ

16جمادي الاخريٰ 1429 هه 2008—6—21

## تقريظ

### از حضرت علامه مفتي محمد امجد علي ريگستاني سنگراسي مدظله العالي

الحمد لله رب العالمين والعاقبة للمتقين والصلوٰة والسلام عليٰ سيد الانبياءِ والمرسلين وعليٰ آله واصحابه اجمعين

قارئين ڪرام ! محترم جناب مولوي محمد الياس صاحب جن جو سهيڙيل رسالو هدايت ڀالو بنام "فيض الخليل" هنڌان ماڳان پڙهڻ جو موقعو مليو، پُرلطف پاتو. الله تعاليٰ مٺي محبوب ﷺ جن جي محابي مولوي موصوف کي علم ۽ عمل ۾ برڪتون نصيب فرمائي ۽ سندس هن قلمي ڪاوش کي مقبول عام بڻائي، پيو ڪل خير

خادم الطلباءِ

محمد امجد علي ريگستاني

مدرس مدرسه عربيه مجدديه بحر العلوم ڪنري ميمڻ

2 رجب المرحب 1428 ھ



## تقريظ

### از حضرت علامه مولانا محمد ابراهيم خليلي راهمون مدظله العالي

الحمد لله رب العالمين الرحمٰن الرحيم مالک يوم الدين والصلوٰة والسلام عليٰ سيد الانبياءِ والمرسلين سيدنا محمد وعليٰ آلهٖ واصحابهٖ اجمعين.

بعد حمد وصلوٰة مدرسه مجدديه حسينيه ابراهيميه جي صدر مدرس اسان جي محترم دوست علامه مولانا محمد الياس صاحب مدظله العالي سڄي سنڌ تي احسان ڪيو آهي، جو زبردست حوالن سان سنڌي زبان ۾ ڪتاب بنام "فيض الخليل" لکيو آهي، جنهن ۾ ضروري ۽ منجهيل مسئلا حل ڪيا آهن. تاريخ 12 شوال المڪرم 1428ھ بروز خميس شام جو ڪتاب کي اول کان آخر تائين غور سان پڙهيم، تمام گهڻو پسند آيو، آئون دل سان دعا ٿو ڪريان ته مولانا کي رحمان، ڪريم رب علامه عبد الواحد سيوستاني ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه جي منصب تي پهچائي. هي ڪتاب اهل السنت والجماعت لاءِ دلين ۽ دماغن جو آرام ۽ وڏيڪ مضبوط دليلن وارو آهي. بدمذهبن جي لاءِ اينٽ بر آهي. جيڪي ڪچا وهابي هوندا، اهي ممڪن آهي ته مولانا جو لکيل ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ وهابيت کان باز اچن. باقي جن جي دل تي الله تعاليٰ مهر هڻي ڇڏي آهي، اهي قطعي باز نه ايندا. اهي. خَتَمَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ وَ عَلٰى سَمْعِهِمْ وَ عَلٰٓى اَبْصَارِهِمْ غِشَاوَةٌ وَّ لَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ جي مصداق آهن. حضرت نبي سائين ﷺ جن فرمايو ته "وتفترق امتي عليٰ ثلاث وسبعين ملة كلهم في النار الا ملة واحدة. قالوا من هي يا رسول الله؟ قال ما انا عليه واصحابي (مشڪوٰة المصابيح ص30) منهنجي امت ٽيهتر فرقا ٿيندي، اهي ڪل دوزخي آهن، مگر هڪ فرقو نه! حضور پاڪ عليه الصلوٰة والسلام کان پڇيو ويو ته اهو ڪهڙو فرقو (جيڪو جنتي) آهي؟ حضور پاڪ فرمايو ته جنهن تي آئون ۽ منهنجا اصحابي آهن، معنيٰ اهل السنت والجماعت، جيڪو اصحابن کي مڃڻ وارو، اوليائن کي مڃڻ وارو آهي. هاڻي حق ۽ سچ واري جماعت اهل السنت والجماعة آهي. سج کان وڌيڪ روشن، ماکي کان وڌيڪ مٺي ۽ مشڪ عنبر

ڪانءِ وڌيڪ خوشبودار آهي. خدا ڪندو ته مولانا صاحب جو لکيل ڪتاب پاڪستان ۾ گهڻو مشهور ٿيندو ۽ گهڻو پڙهندا، واعظن لاءِ وڏو حوالو آهي.

زبان تابــود در دهان جاءِگير
ثنــائي محمــد بود دلپــذير
حبيب خدا اشــرف انبيــاء
كــه عرش مجيدش بود متكا
يبقــي الخط في القرطاس دهرا
وكــاتبه رميــم فــي التراب

راقم الحروف محمد ابراهيم راهمون خليلي ٿري
مهتمم مدرسه ابراهيميه ڪنز العلوم ڳوٺ مگهن جي ڊاٽي تعلقو ننگر پارڪر
13شوال المكرم 1428ھ بروز جمعة المبارڪ مطابق 26 آڪٽومبر2007ع صبح 8;30

مهاڳ



## مهاڳ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

الحمد لله رب العالمين والصلوٰة والسلام عليٰ سيد الانبياء والمرسلين سيدنا محمدٍ و اٰلهٖ واصحابهٖ اجمعين.

اما بعد! هن دور ۾ گستاخ فرقا جيئن وهابي، رافضي، قادياني ۽ ٻيا تمام تيزيءَ سان وڌي رهيا آهن. مسلمان دنياوي لالچ جي ڪري دنياوي تعليم ڏانهن مائل ٿي ويا دیني علم ڪتابن ۾ رهجي ويو. باطل فرقا غليو ڪري ويا، حقاني عالمن بد مذهبن جي خلاف ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن. مون جهڙي بي علم کي ڪهڙي طاقت آهي جو ڪتاب لکان، پر صرف باطل جي خلاف قلم کڻندڙن جي فهرست ۾ پنهنجو نالو شامل ڪندي، اڄ تاريخ 10 ذوالحج 1426 ھ عيد الاضحي جي ٻلاري ڏينهن هن ڪتاب جي ابتدا ڪريان ٿو، جنهن ۾ چند اختلافي مسئلن جو بيان، معتبر ڪتابن جي حوالن سان سنڌي ٻولي سمجهندڙ مسلمانن جي فائدي لاءِ لکيو ويندو انشاء الله تعاليٰ. هن ڪتاب جو نالو منهنجي ڪامل مرشد، فيض درجت، بحر شفقت، قيوم زمان، حضرت خواجه محمد، عرف ابراهيم جان خليل فاروقي، سرهندي، قدس سره جي نالي جي نسبت سان "فيض الخليل" مقرر ڪجي ٿو. شال الله تعالي پنهنجي حبيب ڪريم ﷺ جن جي صدقي هن ڪتاب کي منهنجي لاءِ پنهنجي رضا جو سبب بنائي ۽ مسلمانن کي هن مان فائدو نصيب فرمائي، آمين بجاه سيد المرسلين ﷺ

محمد الياس خليلي گجو
خادم مدرسه مجدديه حسينيه ابراهيميه گلزار خليل تعلقو سامارو ضلع عمر ڪوٽ تاريخ 10- ذوالحج 1426ھ مطابق 11 جنوري 2006ع بروز اربع

## باب پهريون

# حضرت رسول ڪريم ﷺ جن جي نور جي بيان ۾

بسم الله الرحمٰن الرحيم

نحمده ونصلي ونسلم علىٰ رسوله الڪريم اما بعد! فقال الله تعالىٰ في القرآن الڪريم: وَ اِذْ اَخَذْنَا مِنَ النَّبِيّٖنَ مِيْثَاقَهُمْ وَ مِنْكَ وَ مِنْ نُّوْحٍ وَّاِبْرٰهِيْمَ وَمُوْسٰى وَعِيْسَى ابْنِ مَرْيَمَ وَ اَخَذْنَا مِنْهُمْ مِّيْثَاقًا غَلِيْظًا.

صدق الله علي العظيم

ترجمو: اي محبوب! ياد ڪر جڏهن اسان نبين کان عهد ورتو ۽ توکان ۽ نوح ۽ ابراهيم ۽ موسيٰ ۽ عيسيٰ بن مريم کان ۽ اسان انهن کان پڪو وعدو ورتو."

هن آيت پاڪ ۾ رسول الله ﷺ جن جو ذڪر حضرت نوح، حضرت ابراهيم، حضرت موسيٰ ۽ حضرت عيسيٰ بن مريم عليهم الصلوات والتسليمات جي ذڪر کان اڳ ۾ آيو آهي، حالانڪ سندن بشري لباس ۾ آمد سڀني نبين کان پوءِ آهي. ان جو سبب بيان ڪندي حضرت علامه سيد محمود آلوسي بغدادي عليه الرحمة پنهنجي مشهور تصنيف "تفسير روح المعاني" ۾ مذڪور آيت پاڪ جي تفسير ۾ حديث پاڪ آندي آهي ته حضرت ابي بن ڪعب رضي الله تعاليٰ عنه کان مرفوع روايت آهي ته (رسول الله ﷺ جن فرمايو) بدا بي الخلق وڪنت آخرهم في البعث ترجمو: "خلقت جي ابتدا مون کان ٿي ۽ بعثت جي اعتبار سان آئون سڀني کان آخر ۾ آهيان."

علامه موصوف عليه الرحمة هي روايت آندي آهي ته حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو: ڪنت اول النبيين في الخلق وآخرهم في البعث. ترجمو: "خلقت جي اعتبار سان آئون سڀني نبين کان پهرين آهيان ۽ بعثت جي اعتبار سان سڀني کان آخر ۾ آهيان."

حضرت علامه محمد شفيع اوڪاڙوي عليه الرحمة پنهنجي ڪتاب "الذڪر الحسين في سيرة النبي الامين" ۾ شيخ الاسلام امام محمد نووي شافعي عليه الرحمة جي ڪتاب "الدرر البهية في الخصائص النبوية" جي حوالي سان رسول الله ﷺ جن جي نور جي متعلق هڪ ڊگهي روايت آندي آهي ته حضرت جابر رضي الله تعاليٰ عنه رسول الله ﷺ جن جي حضور ۾



عرض ڪيو ته يا رسول الله! منهنجا ماءُ ۽ پيءُ اوهان تان قربان ٿين، مون کي ٻڌايو ته الله تعاليٰ سڀني شين کان پهرين ڪهڙي شيءِ کي پيدا فرمايو؟ رسول الله ﷺ جن فرمايو: اي جابر! بيشڪ الله تعاليٰ سڀني شين کان پهرين تنهنجي نبي جي نور کي پنهنجي نور مان پيدا فرمايو. پوءِ اهو نور الله تعاليٰ جي قدرت سان جتي الله چاهيو سير ڪندو رهيو، نه ان وقت لوح هو، نه قلم هو، نه بهشت هو، نه دوزخ هو، نه فرشتو هو، نه آسمان هو، نه زمين هئي، نه سج هو، نه چنڊ هو، نه جن هو، نه انسان هو (مطلب ته حضرت نبي پاڪ ﷺ جن جي نور کان سوا ٻي ڪا به مخلوق نه هئي) پوءِ جڏهن الله تعاليٰ ٻي مخلوق پيدا ڪرڻ جو ارادو فرمايو ته ان نور کي چئن حصن ۾ تقسيم ڪيائين. پهرين حصي مان قلم، ٻئي حصي مان لوح، ٽئين حصي مان عرش پيدا فرمايائين. پوءِ چوٿين حصي کي وري چئن حصن ۾ تقسيم ڪيائين. پهرين حصي مان عرش کي کڻندڙ ملائڪ ٻئي حصي مان ڪرسي ٽئين حصي مان باقي سڀ ملائڪ پيدا فرمايائين پوءِ چوٿين حصي کي وري چئن حصن ۾ تقسيم ڪيائين پهرين حصي مان ست آسمان، ٻئي حصي مان ست زمينون، ٽئين حصي مان بهشت ۽ دوزخ پيدا فرمايائين. ان کان پوءِ چوٿين حصي کي وري چئن حصن ۾ تقسيم ڪيائين. پهرين حصي مان مؤمنن جي اکين جو نور، ٻئي حصي مان انهن جي دلين جو نور، يعني الله تعاليٰ جي معرفت، ٽئين حصي مان انهن جي انس جو نور، يعني لا اله الا الله محمد رسول الله پيدا فرمايائين. ان کان پوءِ چوٿين حصي کي وري چئن حصن ۾ تقسيم ڪيائين. پهرين حصي مان سج، ٻئي حصي مان چنڊ، ٽئين حصي مان تارا پيدا فرمايائين. چوٿين حصي کي مقام رجاءِ ۾ ٻارهن هزار سال رهايائين. ان کان پوءِ ان کي چئن حصن ۾ تقسيم ڪيائين. پهرين حصي مان عقل، ٻئي حصي مان علم ۽ حلم، ٽئين حصي مان عصمت ۽ توفيق پيدا فرمايائين. چوٿين حصي کي مقام حيا ۾ ٻارهن هزار سال رهايائين. ان کان پوءِ ان ڏانهن هڪ اهڙي نظر فرمايائين، جو ان مان هڪ لک چوويهه هزار قطرا ڪريا. پوءِ هر هڪ قطري مان نبي ۽ رسول کي پيدا فرمايائين. ان کان پوءِ نبين جي روحن ساهه کنيو ته الله تعاليٰ انهيءَ مان قيامت تائين ايندڙ ولين، نيڪ بختن، شهيدن ۽ فرمانبردار مؤمنن جي روحن جي نور کي پيدا فرمايو. پوءِ عرش ۽ ڪرسي منهنجي نور مان آهن ڪروبي ملائڪ ۽ روحاني ملائڪ منهنجي نور مان آهن ستن آسمانن جا ملائڪ

منهنجي نور مان آهن. بهشت ۽ ان ۾ جيڪي نعمتون آهن، سي منهنجي نور مان آهن، سج، چنڊ ۽ تارا منهنجي نور مان آهن. عقل، علم ۽ توفيق منهنجي نور مان آهن. نبين ۽ رسولن جا روح منهنجي نور مان آهن. شهيد، نيڪ بخت ۽ صالح ماڻهان منهنجي نوري نتائج مان آهن. پوءِ الله تعاليٰ ٻارهن حجاب پيدا فرمايا. ۽ نور جي چوٿين حصي کي هر هڪ حجاب ۾ هزار هزار سال رهايائين ۽ اهي عبوديت جا مقام آهن ۽ اهي ڪرامت، سعادت، زينت، رحمت، رافت، حلم، علم، وقار، سڪون، صبر، صدق ۽ يقين جا حجاب آهن. پوءِ ان نور هر هڪ حجاب ۾ هزار هزار سال عبادت ڪئي. پوءِ جڏهن اهو نور حجابن مان نڪتو ته الله تعاليٰ ان کي زمين تي رهايو ۽ اهو مشرق ۽ مغرب جي وچ ۾ ائين چمڪندو هو. جيئن اونداهي رات ۾ ڏيئو. ان کان پوءِ الله تعاليٰ حضرت آدم عليه الصلوٰة والسلام کي مٽيءَ مان پيدا فرمايو ۽ ان نور کي ان جي پيشاني پاڪ ۾ رکيو. پوءِ ان مان منتقل ٿي ان جي پٽ حضرت شيث عليه الصلوٰة والسلام ڏانهن آيو. اهڙي طرح هڪ پاڪ پٺي کان، ٻي پاڪ پٺي ڏانهن ۽ هڪ پاڪ پيٽ کان، ٻئي پاڪ پيٽ ڏانهن منتقل ٿيندو رهيو، ايستائين جو حضرت عبد الله بن عبد المطلب جي پشت پاڪ ۾آيو. پوءِ الله تعاليٰ مون کي دنيا ۾ آندو ۽ سيد المرسلين، خاتم النبين، رحمة العالمين ۽ قائد الغر المحجلين بڻايو آهي. هيءَ آهي تنهنجي نبيءَ جي نور جي ابتدا اي جابر رضي الله تعاليٰ عنه

عارف بالله حضرت علامه عبد الغني نابلسي عليه الرحمة پنهنجي مشهور ڪتاب "الحديقة الندية شرح الطريقة المحمدية" جي ٻئي جلد ۾ لکي ٿو ته: "وقد خلق كل شيء من نوره ﷺ كما ورد به الحديث الصحيح". ترجمو: بيشڪ هر شيءِ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي نور مان پيدا ڪئي وئي آهي، جيئن انهيءَ بابت هڪ صحيح حديث آئي آهي. حضرت علامه سيد محمود آلوسي بغدادي عليه الرحمة تفسير روح المعاني ۾ سورة انبيا جي آخري رڪوع جي آيت پاڪ وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ جي تفسير ۾ لکيو آهي ته "رسول الله ﷺ جن جو سڀني لاءِ رحمت هجڻ هن اعتبار سان آهي ته پاڻ ﷺ جن ڪائنات جي لاءِ (ڪائنات جي ٿي) قابليتن مطابق فيض الاهي جو واسطو آهن. ان ڪري ٿي سندن نور پاڪ اول المخلوقات آهي، جيئن حديث پاڪ ۾ آيو آهي: اول ما خلق الله تعاليٰ نور نبيک يا جابر.



ترجمو: "رسول الله ﷺ جن حضرت جابر کي فرمايو "اي جابر! سڀني شين کان پهرين الله تعاليٰ تنهنجي نبيءَ جي نور کي پيدا فرمايو."

مولوي اشرف علي ٿانوي ديوبندي پنهنجي ڪتاب نشر الطيب في ذڪر النبي الحبيب (ﷺ) جو پهريون فصل نور محمدي بابت لکيو آهي، جنهن ۾ حضرت جابر واري روايت جو ابتدائي حصو لکڻ کان پوءِ فائدو لکي ٿو.

"ف :اس حديث سے نور محمدي کا اول الخلق ہونا باوليت حقيقيہ ثابت ہوا کيونکہ جن جن اشياء کی نسبت روايات ميں اوليت کا حکم آيا ہے، ان اشياء کا نور محمدي سے متاخر ہونا اس حديث ميں منصوص ہے."

حضرت علامه شيخ عبد الحق محدث دهلوي عليه الرحمة پنهنجي مشهور ڪتاب مدارج النبوت جي ٻئي جلد جي پهرين باب ۾ لکيو آهي "ڄاڻ ته مخلوقات ۾ اول ۽ ڪائنات جي ظاهر ٿيڻ جو واسطو جهان ۽ آدم جي پيدائش جو واسطو حضرت محمد ڪريم ﷺ جن جو نور آهي جيئن صحيح حديث ۾ آيو آهي اول ما خلق الله نوري( سڀني شين کان پهرين الله تعاليٰ منهنجي نور کي پيدا فرمايو) سڄي ڪائنات مٿين هيٺين يعني روح جسم عرش ڪرسي لوح قلم بهشت دوزخ ملڪ فلڪ انسان جن زمين آسمان دريا جبل وڻ ٽڻ ۽ سڄي ڪائنات انهي نور ۽ انهي جو هر پاڪ مان پيدا ٿي آهي". علامه موصوف عليه الرحمة وري لکي ٿو ته حديث پاڪ اول ما خلق الله العقل محققن ۽ محدثن وٽ صحت کي پهتل نه آهي ۽ حديث پاڪ اول ما خلق الله القلم جي باري ۾ چيو اٿن ته (قلم جي پيدائش به) عرش ۽ پاڻي جي پيدائش کان پوءِ سڀني کان اول آهي چو ته (قرآن پاڪ ۾) آيو آهي: وَكَانَ عَرْشُهٗ عَلَى الْمَآءِ ۽ ڪن حديثن ۾ انهيءَ جي چٽائي ٿيل آهي ۽ آيل آهي ته پاڻي جي پيدائش عرش کان پهرين آهي ۽ اهو به آيو آهي ته جڏهن قلم کي پيدا ڪيو ويو ته ان کي پروردگار فرمايو ته لک قلم عرض ڪيو ته ڇا لکان رب پاڪ فرمايو لک جيڪي ٿي چڪو آهي ۽ جيڪي ڪجهه ٿيڻو آهي. معلوم ٿيو ته قلم کان اڳ ۾ به ڪا شيءِ پيدا ٿيل هئي چيو اٿن ته اها شيءِ عرش ڪرسي ۽ روح آهن. حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي نور جي پيدائش ان کان به پهرين آهي

حضرت علامه شيخ اسماعيل حقي عليه الرحمة تفسير روح البيان ۾ آيت قَدْ جَآءَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ نُوْرٌ وَّكِتٰبٌ مُّبِيْنٌ جي تفسير ۾ لکيوآهي ته "رسول الله ﷺ جن جو نالو نور ان ڪري رکيو ويو جو پهرين شيءِ جنهن کي الله تعاليٰ عدم جي اونداهي مان پنهنجي قدرت جي نور سان ظاهر ڪيو. اهو حضرت محمد ڪريم ﷺ جن جو نور هو، جيئن پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي: اول ما خلق الله نوري (سڀني شين کان پهرين الله تعاليٰ منهنجي نور کي پيدا فرمايو) پوءِ ساري جهان کي سندن نور جي فيض مان، بعض کي بعض مان پيدا فرمايائين. پوءِ جڏهن ته ڪائنات سندن نور مان پيدا ٿي آهي ته الله تعاليٰ سندن نالو نور رکيو."

حضرت امام رباني مجدد ومنور الف ثاني مرشدنا شيخ احمد فاروقي سرهندي قدس الله تعاليٰ سره جن جي مڪتوبات شريف جي ٽئين دفتر جي مڪتوب 122 ۾ آهي ته "حقيقت محمدي عليه من الصلوٰت افضلها ومن التسليمات اڪملها جيڪا ظهور اول آهي ۽ حقيقت الحقائق آهي، هن معنيٰ جي اعتبار سان ته ٻين نبين سڳورن جون حقيقتون توڙي ملائڪن سڳورن جون حقيقتون ان جي سايه جي مثل آهن ۽ حقيقت محمدي سڀني حقيقتن جو اصل آهي، جيئن حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي: اول ماخلق الله نوري (سڀني شين کان پهرين الله تعاليٰ منهنجي نور کي پيدا فرمايو.) مرشدنا حضرت خواجه محمد معصوم عروة الوثقيٰ قدس الله تعاليٰ سره جن جي مڪتوبات شريف جي دفتر پهرين جي مڪتوب 113 ۾ آهي: " حديث پاڪ ۾ وارد ٿيو آهي اول ما خلق الله نوري – الله تعالي سڀني شين کان پهرين نور محمدي کي پيدا فرمايو ۽ ساري ڪائنات مٿين هيٺين ان نور مان پيدا فرمايائين" حضرت علامه حافظ عبد الرزاق بن همام صنعاني جيڪو حضرت امام احمد بن محمد بن حنبل عليه الرحمة جو استاد آهي ان پنهنجي ڪتاب المصنف جي پهرين حصي ۾ لکيو آهي ته: "مون کي ابن عيينه ٻڌايو ته حضرت امام مالڪ هميشه هي درود پاڪ پڙهندو هو اللهم صل عليٰ سيدنا محمدن السابق للخلق نوره ترجمو: اي الله سائين رحمت موڪل اسان جي سردار حضرت محمد ڪريم ﷺ تي جنهن جو نور ساري خلق کان پهرين پيدا ٿيو.



حضرت علامه شيخ علي بن سلطان المعروف ملا علي قاري عليه الرحمة مرقاة المفاتيح شرح مشڪوٰة المصابيح ۾ باب الايمان بالقدر جي پهرين حديث پاڪ جي شرح ۾ لکيو آهي: قال ابن حجر اختلفت الروايات في اول المخلوقات و حاصلها کما بينتها في شرح شمائل الترمذي ان اولها النور الذي خلق منه عليه السلام ثم الماءُ ثم العرش. ترجمو: علامه ابن حجر عليه الرحمة فرمايو آهي ته ساري ڪائنات ۾ پهرين ڪهڙي شيءِ پيدا ٿي؟ ان بابت مختلف روايتون آهن ۽ انهن جو حاصل مقصد اهو آهي، جيڪو مون شمائل الترمذي جي شرح ۾ بيان ڪيو ته بيشڪ سڀني شين کان پهرين اهو نور پيدا ٿيو، جنهن مان حضرت نبي ڪريم ﷺ جن کي پيدا ڪيو ويو. ان کان پوءِ پاڻي آهي، ان کان پوءِ عرش آهي." علامه موصوف عليه الرحمة انهي باب جي حديث پاڪ "ان اول ما خلق الله القلم" جي شرح ۾ لکيو آهي: "الاول الحقيقي هو النور المحمدي يعني- حقيقي اول محمدي نور آهي."

حضرت علامه شيخ اسماعيل حقي عليه الرحمة تفسير روح البيان ۾ آيت پاڪ قَدْ جَآءَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ نُوْرٌ وَّكِتٰبٌ مُّبِيْنٌ جي تفسير ۾ لکيو آهي ته حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو: ڪنت نورا بين يدي ربي قبل خلق آدم باربعة عشر الف عام. ترجمو: "حضرت آدم عليه الصلوٰة والسلام جي پيدائش کان چوڏهن هزار سال پهرين آئون پنهنجي رب جي حضور ۾ نور هئس." مولوي اشرف علي ٿانوي ديوبندي پنهنجي ڪتاب نشر الطيب في ذڪر النبي الحبيب (ﷺ) ۾ مذڪوره حديث پاڪ آڻي ان کان پوءِ فائدو لکي ٿو:

ف: اس عدد میں کم کی نفی ہے، زیادہ کی نہیں۔ پس اگر زیادتی کی روایت نظر پڑے شبہ نہ کیا جائے۔ رہ گئی تخصیص اس کے ذکر میں سو ممکن ہے کہ کوئی خصوصیت مقامیہ اس کو مقتضی ہو۔"

حضرت علامه شيخ ولي الدين ابو عبد الله محمد بن عبد الله الخطيب عليه الرحمة مشڪوٰة المصابيح جي باب فضائل سيد المرسلين ۾ لکيو آهي ته : "حضرت عرباض بن ساريه رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو: اني عند الله مڪتوب خاتم النبيين وان آدم لمنجدل في طينه. ترجمو: "بيشڪ آئون الله تعاليٰ وٽ خاتم النبيين لکجي چڪو هئس، حالانڪ حضرت آدم عليه الصلوٰة والسلام اڃان پنهنجي مٽي ۾ هو.

حضرت شيخ عبد الحق محدث دهلوي عليه الرحمة هن حديث پاڪ جي تشريح ڪندي اشعة اللمعاة شرح المشڪوٰة ۾ لکيو آهي تہ "حضور ڪريم ﷺ جن جي نبوت جي سبقت مان مراد ڇا آهي؟ جيڪڏهن علم الاهي ۽ تقدير الاهي مراد آهي تہ سڀني نبين جي نبوت کي شامل آهي ۽ جيڪڏهن بالفعل مراد آهي تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن بہ دنيا ۾ بالفعل نبي ٿي ايندا. ان جو جواب هي آهي تہ سندن وجود عنصري کان اڳ ۾ سندن نبوت جو ملائڪن ۽ روحن ۾ اظهار مراد آهي، جيئن روايتن ۾ آيو آهي تہ سندن اسم شريف عرش تي، آسمانن تي، بهشت جي محلن ۽ ان جي درين تي، حور العين جي سينن تي، بهشتي وڻن جي پنن تي، طوبيٰ جي وڻ تي ۽ ملائڪن جي پرن ۽ اکين تي لکيل هو ۽ ڪن عارفن چيو آهي تہ سندن روح شريف عالم ارواح ۾ نبي هو، جنهن روحن جي تربيت ٿي ڪئي، جيئن هن دنيا ۾ پاڻ ﷺ جسمن جامربي هئا. اها ڳالهہ تحقيق سان ثابت آهي تہ روحن جي پيدائش جسمن جي پيدائش کان پهرين آهي. والله اعلم". علامه موصوف عليه الرحمة مدارج النبوت جي ٻئي جلد جي پهرين باب ۾ لکيو آهي تہ"روايتن ۾ آيو آهي تہ جڏهن رسول الله ﷺجن جو نور خلقيو ويو ۽ ان مان نبين جا نور ظاهر ڪيا ويا تہ ان کي پروردگار حڪم فرمايو تہ نبين جي نورن ڏانهن نظر فرمائي پوءِ پاڻ ﷺ جن نگاهہ فرمائي ۽ انهن جي نورن کي ڍڪي ڇڏيائين. انهن عرض ڪيو تہ اي اسان جا پالڻهار! هيءَ ڪير آهي، جنهن اسان جا نور ڍڪي ڇڏيا؟ الله تعاليٰ فرمايو تہ هي محمد بن عبدالله جو نور آهي، جيڪڏهن اوهان ان تي ايمان آڻيو تہ آئون اوهان کي نبي بڻايان. انهن عرض ڪيو تہ اي رب! اسان ايمان آندو ان تي ۽ ان جي نبوت تي، پوءِ رب العزت جل جلاله فرمايو تہ آئون اوهان تي گواهہ آهيان. اها ئي آهي الله تعاليٰ جي هن فرمان جي معنيٰ: وَإِذْ أَخَذَ اللَّهُ مِيثَاقَ النَّبِيِّينَ لَمَا آتَيْتُكُمْ مِنْ كِتَابٍ وَحِكْمَةٍ.

حضرت علامه جلال الدين سيوطي عليه الرحمة پنهنجي مشهور ڪتاب الخصائص الڪبريٰ جي پهرين جلد ۾ لکيوآهي تہ "حضرت ابوهريره رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ فرمايو: لما خلق الله آدم اراه بنيه فجعل يريٰ فضائل بعضهم عليٰ بعض فرآي نورا ساطعا في



اسفلهم فقال يا رب! من هٰذا؟ قال هٰذا ابنڪ احمد وهو اول وهو آخر وهو اول شافع.

ترجمو: جڏهن الله تعاليٰ حضرت آدم عليه الصلوٰة والسلام کي پيدا فرمايو تہ ڪيس سندن اولاد ڏيکاريائين. پوءِ حضرت آدم عليه الصلوٰة والسلام بعض جون بعض جي مٿان فضيلتون ڏسي رهيو هو تہ انهن جي پڇاڙي ۾ هڪ چمڪندڙ نور ڏٺائين. پوءِ عرض ڪيائين تہ اي منهنجا رب! هي ڪير آهي؟ رب پاڪ فرمايو تہ هيءُ تنهنجو پٽ احمد (ﷺ) آهي ۽ اهو اول آهي ۽ اهو آخر آهي ۽ اهو اول شفاعت ڪندڙ آهي".

حضرت علامه شيخ اسماعيل حقي عليه الرحمة تفسير روح البيان ۾ سورة توبه جي آخري رڪوع جي آيت پاڪ لَقَدْ جَاءَكُمْ رَسُولٌ مِّنْ أَنفُسِكُمْ جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ "حضرت ابوهريره رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن حضرت جبرئيل امين عليه الصلوٰة والسلام کان پڇيو تہ اي جبرئيل! تنهنجي ڄمار ڪيتري آهي؟ ان عرض ڪيو تہ اي الله جا رسول! مون کي صرف ايتري خبر آهي تہ چوٿين حجاب ۾ هڪ تارو هر ستر هزار سالن ۾ صرف هڪ ڀيرو اڀرندو هو، ان کي مون ٻاهتر هزار ڀيرا ڏٺو هو. تڏهن رسول الله ﷺ جن فرمايو: يا جبريل! وعزة ربي انا ذٰلڪ الڪوڪب. ترجمو: "اي جبريل امين! منهنجي رب جي عزت جو قسم! اهو تارو آئون هئس."

**حضرت رسول ڪريم ﷺ جن جي نور جو عالم اجساد ڏانهن منتقل ٿيڻ:**

حضرت علامه شيخ اسماعيل حقي عليه الرحمة تفسير روح البيان ۾ سورة توبہ جي آخري رڪوع جي آيت پاڪ لَقَدْ جَاءَكُمْ رَسُولٌ مِّنْ أَنفُسِكُمْ جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ "جڏهن الله تعاليٰ حضرت آدم عليه الصلوٰة والسلام کي پيدا فرمايو تہ پنهنجي حبيب ﷺ جي نور کي سندن پشت پاڪ ۾ رکيو (ان کان پوءِ منتقل ٿي پيشاني ۾ آيو) ۽ سندن پيشاني ۾ چمڪندو هو. ان کان پوءِ حضرت شيث عليه الصلوٰة والسلام ڏانهن منتقل ٿي آيو، جيڪو حضرت آدم عليه الصلوٰة والسلام جو وصي ۽ اولاد ۾ ٽيون نمبر پٽ هو. حضرت بيبي حوا رضي الله تعاليٰ عنها کي پٽ ۽ ڌيءَ گڏ ڄمندا هئا. صرف حضرت شيث عليه الصلوٰة والسلام ان نور جي ڪرامت سبب اڪيلو ڄائو. پوءِ اهو نور حضرت آدم

عليه الصلوٰة والسلام جي اولاد مان هڪڙي هڪڙي کان منتقل ٿيندي حضرت عبد المطلب تائين پهتو. ان کان پوءِ حضرت عبد الله جي پشت پاڪ ۾ آيو. ان کان پوءِ حضرت بيبي آمنه رضي الله تعالي عنها جي بطن شريف ۾آيو ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪل ڪائنات جي وجود جي علت غائيه يعني پيدائش جو سبب آهن.

حضرت امام جلال الدين سيوطي عليه الرحمة "الخصائص الڪبريٰ" جي پهرين جلد ۾ لکيو آهي ته "حضرت آمنه رضي الله تعاليٰ عنها روايت ڪري ٿي ته لقد رئيت ليلة وضعته نورا واضاءت له قصور الشام حتيٰ رئيتها. ترجمو: "حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي ولادت واري رات مون هڪ نور ڏٺو، جنهن جي ڪري شام جون ماڙيون روشن ٿي پيون. ايتري قدر جو مون (مڪي مان) اهي ڏٺيون." علامه موصوف ساڳي ڪتاب جي پهرين جلد ۾ لکيو آهي ته "حضرت عڪرمه رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي ولادت وقت سڄي زمين نور سان روشن ٿي ويئي." الله تعاليٰ جل جلاله سورة المائدة جي ٽئين رڪوع ۾ ارشاد فرمايو آهي: قَدْ جَاءَكُمْ مِنَ اللهِ نُوْرٌ وَكِتٰبٌ مُبِيْنٌ. ترجمو: "بيشڪ توهان وٽ الله جي طرفان هڪ نور آيو ۽ روشن ڪتاب" (ترجمو ڪنز الايمان، سنڌي) هن آيت پاڪ ۾ الله تعالي جل جلاله ٻن شين جي آمد جو ذڪر فرمايو آهي: هڪ نور ٻيو روشن ڪتاب. نور مان مراد حضرت نبي ڪريم ﷺ جي ذات پاڪ آهي ۽ روشن ڪتاب مان مراد قرآن ڪريم آهي. جيئن حضرت علامه حافظ جلال الدين سيوطي عليه الرحمة تفسير جلالين ۾ لکيو آهي: ( قَدْ جَائكم مِنَ اللهِ نُوْرٌ) هو النبي ﷺ (وڪتاب) قرأن (مبين) بين ظاهر. ترجمو: (بيشڪ آيو اوهان وٽ الله جي طرف کان نور) يعني نبي ڪريم ﷺ(۽ روشن ڪتاب) يعني قرآن ڪريم" حضرت علامه شيخ احمد بن محمد صاوي مالڪي عليه الرحمة تفسير جلالين جي حاشيه ۾ مذڪوره آيت پاڪ جي تفسير ۾ لکيو آهي: سمي نورا لانه ينور البصائر ويهديها للرشاد ولانه اصل ڪل نور حسي ومعنوي. ترجمو: "رسول الله ﷺ جن جو نالو نور انهيءَ ڪري رکيو ويو جو اهو بصيرتن کي روشن ڪري ٿو ۽ هدايت جو



رستو ڏيکاري ٿو ۽ هن ڪري به ته اهو هر حسي ۽ معنوي نور جو اصل آهي." حضرت علامه حافظ جلال الدين سيوطي عليه الرحمة پنهنجي مشهور ڪتاب الخصائص الڪبريٰ جي پهرين جلد ۾ لکيو آهي ته "حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها کان روايت آهي ته مون صبح جو سوير ڪو ڪپڙو پئي سبيو ته اوچتو مون کان سئي ڪري پيئي. پوءِ ڳوليم پر نه لڌم ايتري ۾ رسول الله ﷺ جن آيا، سندن چهري مبارڪ جي نور جي شعاع سان سئي ظاهر ٿي پيئي. پوءِ جڏهن مون ڪين اها خبر ٻڌائي ته ٽي دفعا فرمايائون: اي حميراء تباهي آهي ان جي واسطي، جيڪو منهنجي چهري جي ديدار کان محروم رهيو." علامه موصوف عليه الرحمة ساڳي ڪتاب جي پهرين جلد ۾ لکيو آهي ته "حضرت ذڪوان رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن جو سايو مبارڪ نه سڄ جي روشني ۾ ڏسبو هو ۽ نه وري چنڊ جي روشني ۾-- ابن سبع فرمايو ته رسول الله ﷺ جن جي خاصيتن مان هڪ خاصيت هيءَ به آهي ته سندن سايو زمين تي نه پوندو هو ۽ پاڻ ﷺ جن نور هئا. جڏهن سڄ جي روشني ۾ يا چنڊ جي روشني ۾ هلندا هئا ته سندن سايو نه ڏسبو هو. ڪن محدثن چيو آهي ته ان حديث جي شاهد اها حديث آهي، جنهن ۾ پاڻ ﷺ دعا ۾ چيو آهي: اجعلني نورا (اي الله! مون کي نور ڪر).

حضرت علامه شيخ ولي الدين ابوعبدالله محمد بن عبدالله الخطيب مشڪوٰة المصابيح جي باب اسماء النبي ﷺ وصفاته ۾ لکيو آهي ته حضرت ابوهريره رضي الله تعاليٰ عنه فرمائي ٿو ته: ما رئيت شيئا احسن من رسول الله ﷺ كان الشمس تجري في وجهه. ترجمو: "رسول الله ﷺ جن کان وڌيڪ حسين ڪا شيءِ مون نه ڏٺي. جهڙوڪر سندن چهري پاڪ ۾ سڄ پيو هلي"---- حضرت علامه حافظ جلال الدين سيوطي عليه الرحمة الخصائص الڪبريٰ جي پهرين جلد ۾ لکيو آهي ته "جڏهن تبوڪ واري جنگ کان مسلمان واپس موٽيا ته حضرت عباس رضي الله تعاليٰ عنه رسول الله ﷺ جن جي حضور ۾ عرض ڪيو ته مون کي اجازت ڏيو ته آئون اوهان جي مدح سرائي ڪريان. پاڻ ڪريم ﷺ جن اجازت

عطا ڪئي ۽ دعا بہ ڪئي. تڏهن حضرت عباس رضي الله تعاليٰ عنه محبوب پاڪ ﷺ جن جي شان ۾ ڪجهه شعر چيا، جن مان ٻہ شعر هي آهن:

وانت لما ولـدت اشرقت ال　　ارض وضاءت بنورک الافق
فنحن في ذالک الضياء وفي　　النور سبـل الرشاد نختـرق

ترجمو: اي محبوب پاڪ ﷺ جڏهن اوهان جي ولادت ٿي تہ زمين روشن ٿي ويئي ۽ آسمان جا ڪنارا اوهان جي نور سان چمڪي ويا. هاڻي اسين ان روشني ۽ نور ۾ هدايت جا رستا طي ڪري رهيا آهيون.

حضرت امام اعظم ابو حنيفه نعمان بن ثابت ڪوفي رضي الله تعاليٰ عنه قصيده نعمانيه ۾ چيو آهي:

انت الذي لولاک مـا خلق امـرا
کـلا ولا خـلق الـوريٰ لـولاک
انت الذي من نورک البدر اکتسيٰ
والشمـس مشرقـة بنـور بهاک

ترجمو: اي محبوب پاڪ ﷺ جيڪڏهن اوهان نہ هجو ها تہ ڪو بہ انسان پيدا نہ ٿئي ها. بلڪ پوري ڪائنات پيدا نہ ٿئي ها. اوهان جي نور مان چوڏهين جي چنڊ (روشني جو) لباس ڍڪيو ۽ سج بہ اوهان جي حسن جي نور سان (دنيا کي) روشن ڪندڙ آهي"

وأخر دعونا ان الحمد لله رب العالمين والصلوٰة والسلام عليٰ رسوله الڪريم الامين وعليٰ أله واصحابه اجمعين



# باب پهريون

## حضرت رسول ڪريم ﷺ جن جي ميلاد جي بيان ۾

بسم الله الرحمٰن الرحيم

نحمده ونصلي ونسلم عليٰ رسوله الڪريم اما بعد! فقال الله تعالي في القرآن الڪريم لَقَدْ جَاءَكُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ عَزِيْزٌ عَلَيْهِ مَا عَنِتُّمْ حَرِيْصٌ عَلَيْكُمْ بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ صدق الله العلي العظيم

ترجمو: البته تحقيق آيو اوهان وٽ وڏي شان وارو رسول اوهان جي جنسن مان، جنهن کي اوهان جو تڪليف ۾ پوڻ ڏاڍو ڏکيو لڳي ٿو. اوهان جي ڀلائي جو گهڻو چاهيندڙ. مؤمنن تي نهايت مهربان (۽) ٻاجهارو

حضرت علامه قاضي محمد ثناء الله پاني پتي عليه الرحمة تفسير مظهري شريف ۾ هن آيت پاڪ جي تفسير ۾ لکيو آهي: "وقرء ابن عباس والزهري و ابن محيصن مِّنْ اَنْفَسِكُمْ بفتح الفاء

ترجمو: حضرت ابن عباس، زهري ۽ ابن محيصن من انفسکم "ف" جي زبر سان پڙهيو آهي" پوءِ آيت پاڪ جي معنيٰ هن طرح ٿيندي تہ "البتہ تحقيق آيو اوهان وٽ وڏي شان وارو رسول، اوهان جي نفيس ترين خاندان مان، جنهن کي اوهان جو تڪليف ۾ پوڻ ڏاڍو ڏکيو لڳي ٿو"

تفسير احسن البيان ۾ آهي تہ لَقَدْ جَاءَكُمْ رَسُوْلٌ ۾ حضور عليه الصلوٰة والسلام جن جي اچڻ جو بيان الله تعاليٰ پاڻ ڪيو آهي. ان مان ثابت ٿيو تہ محبوب پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن جي ميلاد جي محفل ڪرڻ، سندن اچڻ جو بيان ڪرڻ، سندن سهڻيون صفتون ڳائڻ، سهڻو عمل ۽ الاهي طريقو آهي.

**خانداني شرافت:** حضرت شيخ ولي الدين ابو عبدالله محمد بن عبد الله الخطيب عليه الرحمة مشڪوٰة المصابيح جي باب فضائل سيد المرسلين صلوٰة الله وسلامه عليه ۾ لکيو آهي تہ "حضرت واثله بن الاسقع رضي الله تعاليٰ عنه روايت ڪري ٿو تہ مون رسول الله ﷺ جن کي هيئنئن فرمائيندي ٻڌو. -

انَّ اللّٰہَ اصْطَفٰى كِنَانَةَ مِنْ وُلْدِ اِسْمَاعِيْلَ وَاصْطَفٰي قُرَيْشًا مِنْ كِنَانَةَ وَاصْطَفٰى مِنْ قُرَيْشٍ بَنِي هَاشِمٍ وَاصْطَفَانِيْ مِنْ بَنِيْ هَاشِمٍ

ترجمو: ”بيشڪ الله تعاليٰ حضرت اسماعيل عليه الصلوٰة السلام جي اولاد مان ڪنانه کي چونڊيو ۽ ڪنانه مان قريش کي چونڊيو ۽ قريش جي اولاد مان بني هاشم کي چونڊيو ۽ بني هاشم مان مون کي چونڊيو.“

## حضرت رسول ڪريم ﷺ جن جي ولادت

علامه ابو محمد عبد الملڪ بن هشام پنهنجي سيرت ۾ لکيو آهي ته ”حضرت محمد بن اسحاق مطلبي کان روايت آهي ته ولد رسول الله ﷺ يوم الاثنين لاثنتي عشرة ليلة خلت من شهر ربيع الاول عام الفيل

ترجمو: رسول الله ﷺ جن جي ولادت ربيع الاول مهيني جون ٻارهن راتيون پوريون ٿيڻ وقت، سومر جي ڏينهن (پرهه ڦٽڻ مهل) عام الفيل يعني اصحاب الفيل واري واقعي پيش اچڻ واري سال ٿي.“

حضرت علامه شيخ عبد الحق محدث دهلوي عليه الرحمة مدارج النبوة جي ٻئي جلد ۾ لکيو آهي ته ”حق هيءُ آهي ته رسول الله ﷺ جن کي زماني جي ڪري شرف نه آهي، بلڪ زماني کي سندن ذات پاڪ جي ڪري شرف آهي، جيئن مڪانات کي. اها ئي حڪمت آهي، جو سندن ولادت شريف انهن مهينن ۾ نه ٿي، جيڪي عزت ۽ برڪت جي اعتبار سان مشهور آهن، جيئن محرم شريف، رجب شريف ۽ رمضان شريف، جن جي فضيلت روايات غريبه ۾ آيل آهي ۽ جيئن سڀني ڏينهن کان افضل جمعي جو ڏينهن آهي، جنهن ۾ حضرت آدم عليه الصلوٰة والسلام جن جي پيدائش آهي ۽ انهيءَ ۾ هڪ اهڙي گهڙي آهي، جنهن ۾ ماڻهو جيڪا دعا گهرندو آهي، قبول ٿيندي آهي پر اها گهڙي (شان ۾) انهيءَ گهڙيءَ کي ڪيئن ٿي پهچي سگهي، جنهن ۾ سيد المرسلين ﷺ جن جي ولادت با سعادت ٿي آهي.“

حضرت علامه حافظ جلال الدين سيوطي عليه الرحمة ”الخصائص الڪبريٰ“ جي پهرين جلد ۾ لکيو آهي ته ”حضرت معروف بن خربوذ رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته: كَانَ اِبْلِيْسُ يَخْرِقُ السَّمٰوٰتِ السَّبْعَ فَلَمَّا وُلِدَ عِيْسٰي حُجِبَ مِنْ ثَلَاثِ سَمٰوٰتٍ فَكَانَ يَصِلُ اِلٰي اَرْبَعٍ فَلَمَّا وُلِدَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ حُجِبَ مِنَ السَّبْعِ قَالَ وَوُلِدَ يَوْمَ الْاِثْنَيْنِ حِيْنَ طَلَعَ الْفَجْرُ.



ترجمو: شيطان ستن ئي آسمانن تي ويندو هو پوءِ جڏهن حضرت عيسيٰ عليه السلام جن جي ولادت ٿي ته ٽن آسمانن کان روڪيو ويو ۽ چئن آسمانن تائين ويندو هو، پوءِ جڏهن رسول الله ﷺ جن جي ولادت ٿي ته ستن ئي آسمانن کان روڪيو ويو. راوي فرمايو ته رسول الله ﷺ جن جي ولادت سومر جي ڏينهن پرهه ڦٽڻ مهل ٿي.“

## حضرت رسول ڪريم ﷺ جن جي ولادت وقت عجيب واقعن جو ظاهر ٿيڻ

حضرت علامه حافظ جلال الدين سيوطي عليه الرحمة ”الخصائص الڪبريٰ“ جي پهرين جلد ۾ لکيو آهي ته جڏهن رسول الله ﷺ جن جي ولادت واري رات آئي ته ڪسريٰ (نوشيروان) جي محل ۾ زلزلو آيو. ان جا چوڏهن ڪنگرا ڪري پيا ۽ فارس وارن (مجوسين) جي باهه وسامي ويئي، جيڪا ان کان اڳ هزار سالن کان ٻرندڙ هئي، ساوه دريا خشڪ ٿي ويو. جڏهن صبح ٿيو ته ڪسريٰ (نوشيروان) کي ان ڳالهه غمگين ڪري ڇڏيو، پر دليري جي ڪري صبر ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر جڏهن صبر ڪري نه سگهيو، تڏهن خيال ڪيائين ته پنهنجن وزيرن کان اها ڳالهه لڪائڻ نه گهرجي. پوءِ تاج پائي اچي پنهنجي تخت تي ويٺو ۽ وزيرن کي گهرائي گڏ ڪري جيڪي ڪجهه ڏٺو هئائين، ان جي انهن سان ڳالهه ڪيائين. اهي اجان اتي ئي ويٺل هئا ته باهه وسامڻ جي باري ۾ خط پهتو. پوءِ غم تمام وڌي ويو. تڏهن ڪيس موبذان (مجوسين جي عالم) چيو ته ”شال الله تعاليٰ بادشاهه کي درست رکي.“ مون اڄ رات خواب ڏٺو آهي ته سرڪش اٺ عربي گهوڙن جو تعاقب ڪري رهيا آهن ۽ دجلي کان پار ٿي شهرن ۾ پکڙي ويا آهن. نوشيروان چيو ته اي موبذان! هاڻي ڇا ٿيندو؟ موبذان چيو ته جزيره عرب ۾ ڪو حادثو رونما ٿيو آهي. پوءِ نوشيروان نعمان بن منذر ڏانهن خط لکيو، جنهن ۾ لکيل هو ته مون ڏانهن اهڙو ڪو ڄاڻو ماڻهو موڪل، جنهن کان آئون ڪجهه سوال پڇڻ چاهيان ٿو، اهو انهن جا جواب ڏيئي سگهي. پوءِ نعمان ان ڏانهن عبد المسيح بن عمرو بن حسان غساني کي موڪليو. جڏهن عبد المسيح بادشاهه وٽ پهتو بادشاهه ڪيس چيو ته آئون جيڪي تو کان پڇڻ چاهيان ٿو، ان جو تو کي علم آهي؟ ان چيو ته اوهان مون کي ٻڌايو جيڪڏهن مون کي ان جو علم هوندو ته جواب ڏيندس ۽ جيڪڏهن نه ته اهڙي ماڻهو جو

ڏس ڏيندس، جيڪو ان ڳالهه جو علم رکي ٿو. پوءِ بادشاهه سمورو احوال ٻڌايو. عبد المسيح چيو ته ان جو علم منهنجي مامي کي آهي، جيڪو شام جي سرحدن وٽ رهي ٿو، جنهن جو نالو سطيح آهي. بادشاهه چيو ته انهيءَ وٽ وڃي انهن سوالن جا جواب وٺي اچ. پوءِ عبد المسيح روانو ٿيو. هلندي هلندي اچي سطيح وٽ پهتو، حالانڪ سطيح ان وقت قبر جي ڪناري تي پهچي چڪو هو. عبد المسيح ان کي سلام ڪيو، جڏهن سطيح ان جو سلام ٻڌو ته مٿو مٿي ڪنيائين ۽ چيائين ته تو کي بني ساسان جي بادشاهه محل ۾ زلزلو اچڻ، باهه جي وسامڻ ۽ موبذان جي خواب جي باري ۾ مون کان پڇڻ لاءِ موڪليو آهي. موبذان سرڪش اٺن کي ڏٺو آهي. جيڪي عربي گهوڙن جو تعاقب ڪري رهيا آهن. دجلو دريا پار ڪري شهرن ۾ پکڙجي ويا آهن. اي عبد المسيح ! جڏهن تلاوت جي ڪثرت ٿيندي، عصا (لٺ) وارو ظاهر ٿيندو ۽ سماوه وادي وهڻ لڳندي. ساوه دريا سڪي ويندو ۽ فارس وارن (مجوسين) جي باهه وسامي ويندي. تڏهن شام ملڪ سطيح جو نه رهندو، انهيءَ خاندان مان ڪنگرن جي عدد مطابق مرد ۽ عورتون بادشاهي ڪندا ۽ هر ايندڙ شيءِ اچي ويندي آهي. پوءِ سطيح اتي ئي مري ويو ۽ عبد المسيح ڪسريٰ وٽ آيو ۽ کيس سمورو احوال ٻڌايائين. تڏهن ڪسريٰ چيو ته جيستائين اسان مان چوڏهن بادشاهه ٿيندا، تيستائين سڀ ڪجهه ٿي ويندو."

حضرت علامه شيخ عبد الحق محدث دهلوي عليه الرحمة مدارج النبوت جي ٻئي جلد ۾ لکيو آهي ته "ڏهن شخصن چئن سالن تائين بادشاهي ڪئي، باقي چئن شخصن روضة الاحباب جي روايت مطابق حضرت عمر فاروق جي خلافت واري دور تائين بادشاهي ڪئي."

حضرت امام حافظ جلال الدين سيوطي عليه الرحمة الخصائص الڪبريٰ جي پهرين جلد ۾ لکيو آهي: "حضرت عڪرمه کان روايت آهي ته جڏهن حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي ولادت ٿي ته سڄي زمين نور سان روشن ٿي وئي ۽ ابليس (پنهنجي لشڪر کي) چيو ته اڄ کو اهڙو ٻار ڄائو آهي، جيڪو اسان جي نظام ۾ فساد وجهندو ان تي اهي چوڻ لڳا ته تون ان جي عقل ۾ فساد چو نه ٿو وڃهي اچين ؟ پوءِ جڏهن (ابليس ان ارادي سان) حضرت نبي ڪريم ﷺ جن کي ويجهو آيو ته الله تعاليٰ حضرت جبرئيل



امين عليه الصلوٰة والسلام کي موڪليو جنهن کيس اهڙي لت هنئي جو عدن دريا ۾ وڃي ڪريو."

علامه موصوف "الخصائص الڪبريٰ" جي پهرين جلد ۾ لکيو آهي ته "حضرت مجاهد رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته ابليس چار ڀيرا دانهون ڪري رنو. (پهرين ڀيرو) جڏهن لعنتي بڻيو. (ٻيو ڀيرو) جڏهن جنت مان لاٿو ويو. (ٽيون ڀيرو) جڏهن حضرت نبي ڪريم ﷺ جن کي دنيا ۾ موڪليو ويو. (چوٿون ڀيرو) جڏهن سورة الحمد لله رب العالمين نازل ڪئي وئي".

حضرت علامه شيخ عبد الحق محدث دهلوي عليه الرحمة "مدارج النبوت" جي ٻئي جلد ۾ لکيو آهي ته "حضرت عبد المطلب کان نقل آهي ته رسول الله ﷺ جن جي ولادت شريف واري رات آئون ڪعبي شريف وٽ هئس، جڏهن آڌي رات ٿي. ڏٺم ته ڪعبو شريف مقام ابراهيم جي طرف جهڪي سجدي ۾ ويو ۽ ان مان تڪبير جو آواز آيو. الله اڪبر الله اڪبر رب محمد المصطفيٰ الأن قد طهرني ربي من انجاس الاصنام وارجاس المشرڪين.

ترجمو: الله وڏو آهي، الله وڏو آهي. حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جو رب آهي. هاڻي يقينًا مون کي منهنجي رب بتن جي نجاست ۽ مشرڪن جي پليتي کان پاڪ ڪري ڇڏيو آهي"

علامه سيوطي عليه الرحمة "الخصائص الڪبريٰ" جي پهرين جلد ۾ لکيو آهي ته ان مهده ڪان يتحرک بتحريک الملائڪة. ترجمو: رسول الله صلي الله ﷺ جن جو پينگهو ملائڪ سڳورا لوڏيندا هئا.

**رضاعت:** حضرت علامه شيخ عبد الحق محدث دهلوي عليه الرحمة "مدارج النبوت" جي ٻئي جلد ۾ لکيو آهي ته "روايتن ۾ آيو آهي ته حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ست ڏينهن حضرت بيبي آمنه رضي الله تعاليٰ عنها جو کير پيتو ۽ ڪجهه ڏينهن ڪين ثويبه کير پياريو ۽ جيڪا عورت سيد المرسلين ﷺ جن کي کير پيارڻ واري سعادت سان مشهور، معروف، مخصوص ۽ ممتاز آهي، سا حضرت حليمه سعديه آهي ۽ اها پنهنجي نالي ۽ نسبت وانگر حلم، وقار ۽ سعادت سان موصوف هئي. حضرت علامه شيخ محمد رضا مصري عليه الرحمة پنهنجي ڪتاب مُحَمَّد رسول الله (ﷺ) ۾

لکيو آهي تہ عربن جو دستور هو تہ جڏهن ڪو ٻار ڄمندو هو تہ ٻئي قبيلي جي دائي ڳوليندا هئا تہ جيئن ان ٻار جي پرورش شرافت ۽ لساني فصاحت واري طريقي سان ٿئي. (محبوب پاڪ ﷺ جن جي ولادت دوران) بني سعد قبيلي جون ڪجهہ عورتون ٻارن جي تلاش ڪندي، مڪي پاڪ آيون. ان سال سخت ڏڪار هو. انهن سان گڏ حضرت حليمہ سعديہ رضي الله تعالىٰ عنها بہ هئي. حضرت حليمہ رضي الله تعالىٰ عنها کان سوا سڀني عورتن کي پرورش لاءِ ٻار ملي ويا. حضرت حليمہ رضي الله تعالىٰ عنها بيان ڪري ٿي تہ هو پنهنجي شهر مان پنهنجي مڙس حارث بن عبد العزيٰ سميت بني سعد قبيلي جي عورتن سان گڏ نڪتي، جيڪي ڪير پياڪ ٻارن جي تلاش ۾ نڪتيون هيون. حضرت حليمہ رضي الله تعالىٰ عنها سان گڏ سندن ڪير پياڪ ٻار هو. فرمائي ٿي تہ انهيءَ سال سخت ڏڪار هو. اسان وٽ کاڌي پيتي جي ڪا شيءِ نہ هئي. پوءِ آئون هڪ سفيد رنگ جي گڏهہ تي چڙهي رواني ٿيس. اسان سان گڏ اسان جي هڪ ڏاچي بہ هئي. الله جوقسم! منهنجن پستانن ۾ ڪير جو هڪ ڦڙو بہ نہ هو. اسان جو صغير ٻار بک جي ڪري روئي رهيو هو، جنهن ڪري اسان کي رات جو ننڊ نٿي آئي، نڪي منهنجن پستانن ۾ ڪجهہ هو، جو ان جي بک لاهي ۽ نڪي اسان جي ڏاچي ۾ ڪجهہ هو، جو ان کي غذا ڏجي، پر اسان کي برسات وسڻ جي ۽ رزق جي ڪشادگي جي اميد ضرور هئي. پوءِ آئون پنهنجي ان سواري تي چڙهي رواني ٿيس، سفر ڪندي رهيس ايستائين جو سواري جي ڪمزوري ۽ ضعيفي جي ڪري سفر ڏکيو ٿي پيو. هلندي هلندي مڪي پاڪ پهتاسون. ڪير پياڪ ٻارن جي تلاش ۾ لڳي ويون سين ۽ اسان مان هر هڪ عورت کي رسول الله ﷺ جن پيش ڪيا ويا. پر جڏهن ڪين ٻڌايو ويو تہ يتيم آهي تہ هر ڪنهن عورت انڪار ڪيو، چو تہ اسان کي ٻار جي پيءُ کان معاوضو ملڻ جي اميد هئي. اسان دل ۾ سوچيو تہ اهو يتيم آهي، سندن ماءُ ۽ ڏاڏو الائي معاوضو ڏيئي سگهن، يا نہ؟ انهيءَ ڪري اسان انڪار ڪيو. پوءِ مون سان گڏ ايندڙ سڀني عورتن ٻار ورتا. پوءِ مون پنهنجي مڙس کي چيو تہ الله جو قسم! آئون ضرور هن يتيم ٻار کي کڻڻ لاءِ وينديس ۽ ان کي وٺي ايندس تڏهن منهنجي مڙس چيو تہ ڀلي وٺي اچ! اميد آهي تہ الله تعالىٰ پنهنجي لاءِ انهيءَ ۾ برڪت وجهندو. پوءِ آئون وٺي آيس. مون کي اهو ٻار کڻڻ تي



صرف انهيءَ ڳالهہ آمادو ڪيو، جو مون کي ٻيو ٻار هٿ نہ آيو. آئون کيس وٺي پنهنجي قافلي وٽ آيس. پوءِ جڏهن ان کي مون ڪير پيارڻ لاءِ هنج ۾ ويهاريو تہ ايترو ڪير ٿي پيو، جو پاڻ ﷺ ۽ سندن رضاعي ڀاءُ ٻنهي پي ڍؤ ڪيو. پوءِ ٻئي آرام فرما ٿيا ۽ ان کان اڳ اسين ننڍڙي ٻار جي روئڻ جي ڪري ننڊ ڪري نہ سگهندا هئاسون ۽ منهنجو مڙس اٿي ڏاچي وٽ ويو تہ ان جا ٿڻ ڪير سان ڀريل ڏٺائين. پوءِ ان مان ايترو ڪير ڏهي آيو، جو اسان ٻنهي پي ڍؤ ڪيو ۽ خير سان رات گذاري سون. جڏهن صبح ٿيو تہ منهنجي مڙس چيو تہ اي حليمان! الله تعالىٰ جو قسم! يقيناً تو تہ برڪت وارو ٻار کنيو آهي. تڏهن مون چيو تہ الله جو قسم! بيشڪ مون کي بہ اميد آهي تہ هي ٻار برڪت وارو آهي. پوءِ روانا ٿياسون، آئون پنهنجي سواري تي سوار ٿيس ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن کي بہ پاڻ سان گڏ کنيم. الله جو قسم آهي تہ منهنجي سواري سفر ايتري قدر تيزي سان طي ٿي ڪيو، جو ٻين جون سواريون انهيءَ کي پهچي نٿي سگهيون. ايتري قدر جو منهنجي سهيلين مون کي چيو: اي ابوذويب جي ڌيءُ ! اسان تي مهرباني ڪر ڇاهي اها سواري نہ آهي، جنهن تي چڙهي تون گهران نڪتي هئين؟ مون کين چيو تہ هائو الله جو قسم! هيءَ اهائي سواري آهي. پوءِ انهن چيو تہ الله جو قسم! بيشڪ ان جي حالت ئي تبديل ٿيل آهي. پوءِ اسين بني سعد قبيلي جي علائقي ۾ پنهنجن پنهنجن گهرن ۾ پهچي ويا سون ۽ منهنجي ڄاڻ مطابق الله تعالىٰ جي زمين جو ڪو بہ حصو انهيءَ کان وڌيڪ ڏڪار جو ماريل نہ هو. پوءِ جڏهن حضرت نبي ڪريم ﷺ جن کي پاڻ سان گڏ وٺي آيا سون تہ منهنجون ٻڪريون (جهنگ مان) ڪير ڀريل ٿڻن سان موٽنديون هيون. اسين ڏهي پيئندا هئاسون. ٻيا ڪير جو هڪ ڦڙو بہ نہ ڏهندا هئا، نہ ڪي انهن جي ٻڪرين جي ٿڻن ۾ ڪجهہ هوندو هو، ايتري قدر جو اسان جي قوم جا ماڻهو پنهنجن ڌنارن کي چوڻ لڳا تہ برباد ٿيو، جتي ابو ذويب جي ڌيءُ جو ڌنار ٻڪريون چاري ٿو، اتي وڃي چاريو. پوءِ (ان تي عمل ڪرڻ جي باوجود) انهن جون ٻڪريون بکيون موٽنديون هيون. منهنجون ٻڪريون ڪير سان ڀرجي موٽنديون هيون. پوءِ الله تعالىٰ جي طرفان اسان تي مهرباني ۽ ڀلائي ٿيندي رهي، ايستائين جو بہ سال پورا ٿيا. مون نبي پاڪ ﷺ جن کي ڪير ڇڏايو. پاڻ ايترو وڌندا هئا جو ٻين همعمر ڇوڪرن کان ممتاز هوندا هئا. اجان بہ سال ئي نہ گذريا تہ

طاقتور ۽ سگهارا ٻنجي ويا. پوءِ اسين ڪين سندن ماءُ وٽ وئي آيا سون، حالانڪ اسان ڪيٰ اڃان ٻه ڪجهه وقت پاڻ وٽ رهائڻ جي تمنا هئي، جو ته اسين سندن برڪت ڏسي چڪا هئاسون. پوءِ انهيءَ ڳالهه تي اصرار ڪندا رهياسون، ايستائين جو سندن والده ڪين اسان سان گڏ ڇڏيو."

## ميلاد النبي ﷺ جو جشن ملهائڻ

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي ميلاد جو جشن ملهائڻ نه رڳو جائز، بلڪ مستحب آهي، جنهن جو ثبوت معتبر ڪتابن جي حوالن سان پيش ڪجي ٿو. حضرت علامه شيخ اسماعيل حقي عليه الرحمة تفسير روح البيان ۾ سورت فتح جي آخري رڪوع جي آيت پاڪ مُحَمَّد رسول الله جي تفسير ۾ لکيو آهي ته "ميلاد ڪرڻ به نبي پاڪ ﷺ جن جي تعظيم آهي، جڏهن ته ان ۾ ڪا خراب رسم نه هجي." حضرت امام جلال الدين سيوطي قدس سره فرمايو آهي ته حضرت نبي پاڪ ﷺ جن جي ولادت جي شڪراني جو اظهار ڪرڻ اسان لاءِ مستحب آهي." علامه حقي عليه الرحمة ٿورو اڳتي وري لکي ٿو ته "علامه ابن حجر عليه الرحمة فرمايو آهي ته بدعتِ حسنه جي مستحب هجڻ تي اتفاق آهي. ميلاد ڪرڻ ۽ انهيءَ لاءِ ماڻهن جو گڏ ٿيڻ به اهڙي طرح آهي، يعني بدعتِ حسنہ آهي. علامه سخاوي عليه الرحمة فرمايو آهي ته ٽن (پلن) زمانن ۾ ميلاد ڪنهن به نه ڪيو، ان کان پوءِ ايجاد ٿيو. پوءِ سڀني ملڪن ۽ وڏن شهرن جا مسلمان ميلاد ڪندا پيا اچن. ميلاد وارين راتين ۾قسمين قسمين خيرات ڪندا آهن ۽ محبوب پاڪ ﷺ جن جي ميلاد شريف جو اهتمام ڪندا آهن، جنهن جي برڪتن جي ڪري مٿن وڏو فضل ٿيندو آهي. علامه ابن جوزي عليه الرحمة فرمايو آهي ته ميلاد جي خاصيتن مان هڪ هيءَ به آهي ته انهيءَ سال امن هوندو آهي. انهيءَ ۾ مرادون ۽ حاجتون پوريون ٿيڻ جي بشارت عاجله آهي. ۽ بادشاهن ۾ سڀني کان پهرين جنهن ان جي ابتدا ڪئي، سو شاهه اربل (مظفر ابو سعيد ڪو ڪبري) آهي. علامه ابن دحيه عليه الرحمة ان لاءِ ميلاد جي موضوع تي هڪ ڪتاب نالي "التنوير بمولد البشير النذير" لکيو، جنهن تي ڪيس بادشاهه هڪ هزار دينار انعام ڏنو. علامه حافظ ابن حجر ۽ حافظ جلال الدين سيوطي عليهما الرحمة ميلاد جو اصل حديث پاڪ مان ثابت ڪيو آهي ۽ فاڪهاني



مالڪيءَ جي ترديد ڪئي اٿن، جنهن چيو آهي ته بيشڪ ميلاد ڪرڻ بدعت مذمومه آهي. اهڙي طرح انسان العيون ۾ آهي."

نعمان ثاني حضرت مخدوم عبد الواحد سيوستاني سنڌي قدس سره "بياض واحدي" ۾ لکيو آهي ته "شيخ الاسلام، حافظ العصر، ابن حجر عسقلاني عليه الرحمة فرمايو آهي ته جشن ميلاد النبي ﷺ ملهائڻ جو ثبوت مون کي مليو آهي. اهو هيءُ آهي ته صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ آهي ته حضرت نبي ڪريم ﷺ جن مديني پاڪ آيا. اتي جي يهودين کي عاشوري جو روزو رکندي ڏٺائون ۽ انهي جو سبب پڇيائون. تڏهن انهن ٻڌايو ته هيءُ اهو ڏينهن آهي، جنهن ۾ الله تعاليٰ فرعون کي ٻوڙيو هو ۽ حضرت موسيٰ عليه الصلوٰة والسلام کي نجات ڏني هئي. اسين الله تعاليٰ جو شڪرانو ادا ڪندي، روزو رکندا آهيون. تڏهن حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته حضرت موسيٰ عليه الصلوٰة والسلام جا اسين اوهان کان وڌيڪ حقدار آهيون. علامه ابن حجر عسقلاني عليه الرحمة فرمايو ته هن حديث مان الله تعاليٰ جي احسان يعني نعمت جي ابتدا يا مصيبت جي ٽرڻ تي مقرر ڏينهن تي شڪرانو ادا ڪرڻ جو استفادو ٿيو ۽ اهو به استفادو ٿيو ته هر سال جڏهن اهو ڏينهن اچي ته شڪرانو ادا ڪرڻ گهرجي. الله تعاليٰ جو شڪرانو عبادت جي مختلف قسمن سان ادا ٿيندو آهي، جيئن نماز، روزا، خيرات ۽ تلاوت ڪرڻ. هن ڏينهن ۾ نبي پاڪ ﷺ جن جي ظهور کان وڏي ٻي ڪهڙي نعمت آهي. علامه سيوطي عليه الرحمة جي ڪتاب "حسن المقصد في عمل المولد" ۾ ائين لکيل آهي."

حضرت علامه شيخ محمد رضا مصري پنهنجي ڪتاب "مُحَمَّد رسول الله (ﷺ)" ۾ حضرت امام ابو شامه عليه الرحمة کان نقل ڪندي لکيو آهي ته "اسان جي زماني ۾ جيڪو بهترين نئون ڪم ڪيو وڃي ٿو، سو هيءُ آهي ته ماڻهو هر سال رسول الله ﷺ جن جي ولادت واري ڏينهن صدقا، خيرات، سينگار ۽ خوشيءَ جو اظهار ڪندا آهن. انهيءَ ۾ فقيرن سان ڀلائي آهي. ان سان گڏ هي به خبر پوي ٿي ته ميلاد ڪرڻ واري جي دل ۾ رسول الله ﷺ جن جي محبت ۽ عظمت آهي. (ميلاد ڪرڻ) الله تعاليٰ جي هن نعمت جو شڪرانو به آهي ته رسول الله ﷺ جن کي پيدا فرمائي، جهانن لاءِ رحمة بنائي موڪليائين."

حضرت علامه شيخ عبد الحق محدث دهلوي عليه الرحمة مدارج النبوة جي ٻئي جلد ۾ لکيو آهي ته "جنهن رات رسول الله ﷺ جن جي ولادت باسعادت ٿي، ثويبه ابو لهب کي بشارت ڏني ته تنهنجي ڀاءُ عبدالله جي گهر پٽ ڄائو آهي. تڏهن ابو لهب مبارک ڏيڻ جي ڪري کيس آزاد ڪري، حڪم ڪيو ته وڃي پاڻ ڪريم ﷺ جن کي کير پيار. الله تعاليٰ جل جلاله عم نواله ابو لهب جي انهيءَ خوشيءَ جي عوض، جيڪا هن حضور ڪريم ﷺ جن جي ولادت تي (ڀانئيو سمجهي) ڪئي هئي، عذاب ۾ هلڪائي فرمائي ۽ سومر واري ڏينهن انهيءَ تان عذاب ڪٽي ڇڏيائين، جيئن حديث پاڪ ۾ آيو آهي. انهيءَ ۾ ميلاد ملهائيندڙن جي لاءِ سند آهي، جيڪي حضور پاڪ ﷺ جن جي ولادت واري رات خوشي ملهائيندا آهن ۽ مال خرچ ڪندا آهن. يعني ابولهب جيڪو ڪافر هو، جنهن جي مذمت ۾ قرآن پاڪ جي هڪ سورة نازل ٿي، جڏهن حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي ولادت جي خوشي سبب ۽ ٻانهي کي کير پيارڻ لاءِ مقرر ڪرڻ سبب ان کي بدلو ڏنو ويو ته ان مسلمان جو حال ڇا هوندو، جيڪو سندن محبت ۽ خوشي ۾ ڀريل آهي ۽ پنهنجو مال خرچ ڪري ٿو."

حضرت امام رباني مجدد ومنور الف ثاني مرشدنا شيخ احمد فاروقي سرهندي قدس سره جن مڪتوبات شريف ۾ لکيو آهي ته "ديگر درباب مولود خواني اندراج يافته بود در نفس قرآن خواندن بصوت حسن ودر قصائد نعت و منقبت خواندن چه مضائقه است." ترجمو: ٻيو اوهان ميلاد خواني جي باري ۾ لکيو آهي. (ان جو جواب هيءُ آهي ته) قرآن پاڪ سهڻي آواز ۾ پڙهڻ، نعت ۽ منقبت پڙهڻ ۾ ڪهڙو حرج آهي."

اعليٰ حضرت مولانا احمد رضا خان فاضل بريلوي عليه الرحمة "فتاويٰ رضويه" ۾ روضة النعيم جي حوالي سان لکيو آهي ته "ميلاد شريف جي مجلس ۽ قيام جو منڪر بدعتي آهي ان جي بدعت سيئه مذمومه آهي، ڇو ته ان هڪ اهڙي شيءِ جو انڪار ڪيو آهي، جيڪا الله تعاليٰ وٽ ۽ مسلمانن وٽ بهتر آهي، جيئن حديث ابن مسعود رضي الله تعاليٰ عنه ۾ آهي: "ما رأه المسلمون حسنًا فهو عند الله حسن" (جنهن شيءِ کي مسلمان بهتر سمجهن ٿا، اها الله تعاليٰ وٽ به بهتر آهي.) هتي مسلمانن مان مراد ڪامل مسلمان آهن، جيئن شريعت تي عمل ڪندڙ عالم. (هن مجلس ۽ قيام کي) عرب، مصر، شام، روم ۽ اندلس جي عالمن سلف کان وٺي اڄ تائين بهتر سمجهيو آهي ۽ ان تي اجماع ٿي ويو آهي، جيڪا ڳالهه امت جي اجماع



سان ثابت ٿي، سا حق آهي. گمراهي نه آهي ڇو ته رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي: لَا تَجْتَمِعُ أُمَّتِيْ عَلَي الضَّلَالَةِ (منهنجي امت گمراهيءَ تي اجتماع نه ڪندي.) پوءِ شرعي حاڪم تي لازم آهي ته (انهي مجلس ۽ قيام جي) منڪر کي سزا ڏي. والله تعالي اعلم بالصواب"

اعليٰ حضرت مولانا احمد رضا خان فاضل بريلوي عليه الرحمة انهيءَ فتويٰ کان پوءِ لکيو آهي ته "انهي فتويٰ تي سيد العلماء احمد دحلان مفتي شافعيه" جناب مستطاب شيخنا وبرڪتنا سراج الفضلاءِ مولانا عبد الرحمان سراج مفتي حنفيه ، مولانا حسن مفتي حنابله ۽ مولانا محمد شرقي مفتي مالڪيه وغيره ڪل پنجيتاليهه عالمن جون مهرون آهن"

اعليٰ حضرت فاضل بريلوي عليه الرحمة فتاويٰ رضويه ۾ روضة النعيم جي حوالي سان ٻي فتويٰ نقل ڪندي لکيو آهي ته "حاصل ڪلام هي آهي ته ميلاد شريف ۾ مهمانيون ڪرڻ، ولادت جو بيان مسلمانن کي پڙهي ٻڌائڻ، خيرات ڪرڻ، رسول الله ﷺ جن جي ولادت جي ذڪر وقت اٿي بيهڻ، گلاب جو پاڻي ڇٽڪارڻ، خوشبوءِ ڇٽڪارڻ، جايون سينگارڻ، قرآن شريف مان ڪجهه پڙهڻ، حضرت نبي ڪريم ﷺ جن تي درود پاڪ پڙهڻ، فرحت ۽ خوشي جو اظهار ڪرڻ، بيشڪ بدعت حسنه مستحبه آهي ۽ فضيلت شريفه مستحسنه آهي، ڇو ته هر بدعت حرام نه هوندي آهي، بلڪ ڪڏهن ته واجب هوندي آهي، جيئن گمراهه فرقن جي رد جا دليل قائم ڪرڻ، نحو ۽ ٻيا اهڙا علم سکڻ، جيڪي قرآن پاڪ ۽ حديث پاڪ جي سمجهڻ ۾ مددگار هجن. ڪڏهن ته مستحب هوندي آهي، جيئن مسافرخانا ۽ مدرسا ٺاهڻ ۽ ڪڏهن ته مباح هوندي آهي، جيئن لذيذ کاڌن پيئڻ ۽ ڪپڙن ۾ وسعت ڪرڻ. ائين علامه مناوي جامع الصغير جي شرح ۾ تهذيب النووي کان نقل ڪيو آهي. پوءِ انهن ڳالهين جو انڪار اهو ئي ڪندو، جيڪو بدعتي هوندو ۽ ان جي ڳالهه ٻڌڻ ئي نه گهرجي بلڪ مسلمانن جي حاڪم کي گهرجي ته انهيءَ کي سزا ڏئي. والله تعاليٰ اعلم بالصواب

انهيءَ فتويٰ کان پوءِ اعليٰ حضرت مولانا احمد رضا خان فاضل بريلوي عليه الرحمة لکيو آهي ته "انهيءَ فتويٰ تي مولانا عبدالجبار ۽ ابراهيم بن خيار وغيره ڪل ٽيهن عالمن جون مهرون آهن."

وَ اٰخِرُ دَعْوَانَا اَنِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ والصَّلٰوةُ والسَّلَامُ عَلٰي رَسُوْلِهِ الْكَرِيْمِ الْأَمِيْنِ وَعَلٰي آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ

## باب ٽيون

## حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي تعظيم جي بيان ۾

بسم الله الرحمٰن الرحيم

نحمده ونصلي ونسلم عليٰ رسوله الڪريم اما بعد فقال الله تعاليٰ في القرآن الڪريم يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَرْفَعُوْٓا اَصْوَاتَكُمْ فَوْقَ صَوْتِ النَّبِيِّ وَلَا تَجْهَرُوْا لَهٗ بِالْقَوْلِ كَجَهْرِ بَعْضِكُمْ لِبَعْضٍ اَنْ تَحْبَطَ اَعْمَالُكُمْ وَاَنْتُمْ لَا تَشْعُرُوْنَ. صدق الله العلي العظيم.

ترجمو: اي ايمان وارو نه بلند ڪندا ڪريو پنهجن آوازن کي نبي پاڪ ﷺ جي آواز کان ۽ نه زور سان ڳالھ ڪندا ڪريو سندن حضور ۾ جيئن زور سان اوهان هڪ ٻئي سان ڳالهائيندا آهيو، متان (ان بي ادبيءَ جي ڪري) اوهان جا عمل ضايع ٿي وڃن ۽ اوهان کي خبر به نه هجي.

هن آيت پاڪ ۾ رب پاڪ حضور اڪرم ﷺ جن جي حضور ۾ مؤمنن کي حضور ڪريم ﷺ جن جي آواز کان بلند آواز سان ڳالهائڻ جي منع فرمائي آهي ۽ اهو به ٻڌايو آهي ته هيءُ اهڙي بي ادبي آهي، جيڪا اوهان جي نيڪين کي ختم ڪري ڇڏيندي، جنهن جي اوهان کي خبر به نه رهندي. هن آيت پاڪ جي شان نزول جي باري ۾ حضرت علامه جمال الدين عبد الرحمان بن علي بن محمد جوزي عليه الرحمة تفسير زاد المسير ۾ لکيو آهي ته والثاني انها في ثابت بن قيس بن شماس وكان جهوري الصوت فربما كان اذا تكلم تاذي رسول الله ﷺ بصوته قاله مقاتل

ترجمو: (هن آيت پاڪ جي شان نزول جي باري ۾) ٻيو قول هيءُ آهي ته اها آيت پاڪ ثابت بن قيس بن شماس جي باري ۾ نازل ٿي، جنهن جو آواز ڪڙڪ هو. پوءِ ڪڏهن ڪڏهن سندن ڳالهائڻ جي ڪري رسول الله ﷺ جن کي تڪليف پهچندي هئي. اهوحضرت مقاتل رضي الله تعاليٰ عنه جو قول آهي. هن آيت پاڪ جو تفسير لکندي حضرت علامه ابو الفضل شهاب الدين سيد محمود آلوسي بغدادي تفسير روح المعاني ۾ لکيو آهي ته "حضرت انس رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته جڏهن هي آيت پاڪ نازل ٿي ته ثابت بن قيس رضي الله تعاليٰ عنه پنهنجي گهر ۾ويهي رهيو ۽ چيائين ته آئون ٻاهر وارن مان آهيان. رسول الله ﷺ جن حضرت سعد بن معاذ رضي



الله تعاليٰ عنه کان پڇيو ته يا ابا عمرو! ماشان ثابت اشتڪيٰ (اي ابو عمرو ثابت جو ڪهڙو حال آهي بيمار آهي ڇا؟) حضرت سعد عرض ڪيو ته بيشڪ اهو منهنجو پاڙيسري آهي، منهنجي علم ۾ ته ان کي ڪا شڪايت (بيماري) نه آهي، پوءِ حضرت سعد رضي الله تعاليٰ عنه حضرت ثابت رضي الله تعاليٰ عنه وٽ آيو (۽ رسول الله ﷺ جن جو سمورو احوال ٻڌايائين.) تڏهن حضرت ثابت بن قيس رضي الله تعاليٰ عنه ٻڌايو ته هيءَ آيت پاڪ نازل ٿي آهي ۽ اوهان کي يقينًا معلوم آهي ته رسول الله ﷺ جن جي اڳيان منهنجو آواز اوهان جي آوازن کان بلند هوندو آهي، (ان ڪري) آئون ٻاهر وارن مان آهيان. پوءِ حضرت سعد رضي الله تعاليٰ عنه رسول الله ﷺ جن کي اهو ٻڌايو. تڏهن رسول الله ﷺ جن فرمايو بل هو من اهل الجنة (بلڪ اهو بهشت وارن مان آهي.)

بهشت جي بشارت ٻڌڻ کان پوءِ حضرت ثابت بن قيس وعدو ڪيو ته هاڻي آئون رسول الله ﷺ جن جي آواز کان پنهنجو آواز بلند نه ڪندس، جيئن حضرت علامه ابو محمد حسين بن مسعود الفراء البغوي عليه الرحمة تفسير معالم التنزيل ۾ ۽ حضرت قاضي محمد ثناء الله پاني پتي عليه الرحمة تفسير مظهري ۾ هڪ روايت آندي آهي، جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ آهي ته "حضرت ثابت بن قيس چيو ته آئون الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي بشارت تي راضي آهيان. آئون ڪڏهن به پنهنجو آواز رسول الله ﷺ جن جي آواز کان بلند نه ڪندس. پوءِ الله تعالي هيءَ آيت پاڪ نازل فرمائي اِنَّ الَّذِيْنَ يَغُضُّوْنَ اَصْوَاتَهُمْ عِنْدَ رَسُوْلِ اللّٰهِ.

حضرت علامه سيد محمود آلوسي بغدادي عليه الرحمة تفسير روح المعاني ۾ لکيو آهي ته "جڏهن رسول الله ﷺ جن وٽ ڪو وفد ايندو هو ته حضرت ابو بڪر صديق انهن ڏانهن ڪنهن خاص ماڻهوءَ کي موڪليندو هو، جيڪو کين سمجهائيندو هو ته حضور ڪريم ﷺ جن کي ڪيئن سلام ڪجي ۽ ادب ۽ احترام سان پيش اچڻ جي تلقين ڪندو هو." علامه موصوف عليه الرحمة تفسير روح المعاني ۾ آيت پاڪ لَا تَرْفَعُوْٓا اَصْوَاتَكُمْ جي تفسير ۾ لکيو آهي ته "هن آيت پاڪ مان عالمن سڳورن حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي قبر انور وٽ ۽ سندن حديث پاڪ بيان ڪرڻ وقت آواز بلند

ڪرڻ کان منع جو دليل ورتو آهي، ڇو ته سندن (ظاهري) رحلت کان پوءِ احترام اهڙوئي ڪرڻو آهي، جهڙو سندن (ظاهري) حياتي ۾.

مولوي شبير احمد عثماني ديوبندي تفسير عثماني ۾ لکيو آهي ته: "حضور ﷺ جي رحلت کان پوءِ حضور ﷺ جن جون حديثون ٻڌڻ ۽ پڙهڻ وقت به اهي آداب بجا آڻڻ گهرجن ۽ جيڪو سندن قبر شريف وٽ هجي، ان کي به اهي آداب بجا آڻڻ گهرجن ۽ سندن خليفن سڳورن، رباني عالمن ۽ اولو الامر سان به درجه بدرجه ادب سان پيش اچڻ گهرجي ته جماعتي نظام قائم رهي."

علامہ پير محمد ڪرم شاه ازهري عليه الرحمة تفسير ضياءُ القرآن ۾ لکيو آهي ته "بارگاه رسالت ۾ جيڪڏهن ڪو ماڻهو اهڙي طرح بلند آواز سان ڳالهائي، جنهن سان حضور ﷺ جن جي دل کي تکليف پهچي ته اها منع آهي، پر ضرورت جي وقت بلند آواز سان ڳالهائڻ منع نه آهي. حضرت بلال رضي الله تعاليٰ عنه حضور پاڪ ﷺ جن جي موجودگيءَ ۾ بلند آواز سان اذان ڏيندو هو. جنگين ۾ بلند آواز سان نعرا لڳايا ويندا هئا. جنگ حنين ۾ حضور ڪريم ﷺ حضرت عباس رضي الله تعاليٰ عنه کي حڪم ڏنو ته بلند آواز سان اصحابن کي سڏي. حضرت حسان رضي الله تعاليٰ عنه حضور اڪرم ﷺ جن جي موجودگيءَ ۾ بلند آواز سان پنهنجا ناهيل قصيدا ٻڌائيندو هو.

حضرت علامه قاضي عياض مالڪي عليه الرحمة پنهنجي مشهور ڪتاب "الشفا بتعريف حقوق المصطفيٰ" جي ٻئي جلد ۾ لکيو آهي ته "امير المؤمنين ابو جعفر مسجد نبوي شريف ۾ حضرت امام مالڪ رضي الله تعاليٰ عنه سان مناظرو ڪيو (امير المومنين کان ڳالهائيندي آواز بلند ٿي ويو. تڏهن ڪيس) امام مالڪ رضي الله تعاليٰ عنه فرمايو ته اي امير المومنين! هن مسجد ۾ پنهنجو آواز بلند نه ڪر، ڇو ته الله تعاليٰ هڪ جماعت کي ادب سيکاريندي ارشاد فرمايو آهي لَا تَرْفَعُوٓا اَصْوَاتَكُمْ فَوْقَ صَوْتِ النَّبِيِّ ۽ هڪ جماعت جي ساراهه ڪندي ارشاد فرمايو آهي: اِنَّ الَّذِيْنَ يَغُضُّوْنَ اَصْوَاتَهُمْ عِنْدَ رَسُوْلِ اللّٰهِ ۽ هڪ جماعت جي مذمت ڪندي ارشاد فرمايو آهي: اِنَّ الَّذِيْنَ يُنَادُوْنَكَ ۽ بيشڪ سندن عزت (ظاهري) رحلت کان پوءِ به اهائي ڪرڻي آهي، جيڪا سندن (ظاهري) حياتي ۾." الله تبارڪ



وتعاليٰ سورت نور ۾ فرمايو آهي: لَا تَجْعَلُوْا دُعَاءَ الرَّسُوْلِ بَيْنَكُمْ كَدُعَاءِ بَعْضِكُمْ بَعْضًا. ترجمو: رسول جي سڏڻ کي پاڻ ۾ ائين نه بڻايو، جيئن توهان مان هڪڙو ٻئي کي سڏيندو آهي.

هن آيت پاڪ جي تفسير ۾ حضرت علامه جلال الدين محلي شافعي عليه الرحمة "تفسير جلالين" ۾ لکيو آهي: بان قولوا يا محمد! بل قولوا يا نبي الله! يا رسول الله في لين و تواضع و خفض صوت. ترجمو: "يا محمد نه چئو، بلڪ چئو اي الله جا نبي! اي الله جا رسول! نرمي، نوڙت ۽ جهڪي آواز سان." تفسير جلالين جي محشي علامہ احمد بن محمد صاوي مالڪي عليه الرحمة حاشية الصاوي علي الجلالين ۾ لکيو آهي ته: واستفيد من الآية انه لا يجوز نداء النبي بغير ما يفيد التعظيم لا في حياته و لا بعد وفاته وبهٰذا يعلم ان من استخف في جنابه ﷺ فهو كافر ملعون في الدنيا والآخرة. ترجمو: "هن آيت پاڪ مان هي فائدو حاصل ٿيو ته تعظيم وارن لفظن کان سواءِ نبي ڪريم ﷺ جن کي سڏڻ جائز نه آهي، نڪي سندن (ظاهري) حياتيءَ ۾ ۽ نڪي سندن (ظاهري) رحلت کان پوءِ. هن مان اهو به معلوم ٿئي ٿو ته جنهن نبي پاڪ ﷺ جن جي حضور ۾ توهين ڪئي سو دنيا ۽ آخرت ۾ ڪافر ۽ لعنتي آهي." علامه موصوف عليه الرحمة ٿورو اڳتي وري لکي ٿو: فينبغي لتلامذة الاشياخ ان يفعلوا معهم هٰذه الآداب ويتخلقوا بها ليحصل لهم الفتوح والفلاح. ترجمو: "مشائخن جي طالبن کي گهرجي ته هو انهن جا اهي آداب بجا آڻين ته کين ڪاميابيون ۽ ڪامرانيون حاصل ٿين."

## نماز ۾ رسول الله ﷺ جن جي اطاعت ۽ ادب

الله تعاليٰ سورة الانفال ۾ ارشاد فرمايو آهي: يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اسْتَجِيْبُوْا لِلّٰهِ وَلِلرَّسُوْلِ اِذَا دَعَاكُمْ لِمَا يُحْيِيْكُمْ. ترجمو: "اي ايمان وارو! لبيڪ چئو الله ۽ ان جي رسول جي سڏ تي، جڏهن اهو رسول سڏي اوهان کي ان ڪم جي طرف جو زنده ڪري ٿو، اوهان کي."(ترجمو ضياء القرآن)

هن آيت پاڪ جي تفسير ۾ علامه خازن عليه الرحمة تفسير الخازن ۾ لکيو آهي ته "ابو سعيد بن معليٰ رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته مون مسجد شريف ۾ نماز پئي پڙهي ته مون کي رسول الله ﷺ جن سڏ ڪيو. (نماز ۾ هجڻ ڪري) مون جواب نه ڏنو نماز پوري ڪري پوءِ آئون حضور اڪرم ﷺ جن جي حضور ۾ آيس عرض ڪيم ته اي الله جا رسول

ﷺ مون نماز پٺي پڙهي (ان ڪري ڪجهه دير ٿي آهي.) تڏهن رسول الله ﷺ جن فرمايو ڇا الله تعاليٰ نہ فرمايو آهي اسْتَجِيْبُوْا لِلّٰهِ وَلِلرَّسُوْلِ اِذَا دَعَاكُمْ (لبيڪ چئو الله ان جي رسول جي سڏ تي جڏهن اهو اوهان کي سڏي).

حضرت شيخ ولي الدين عليه الرحمة اها حديث پاڪ مشڪوٰة المصابيح جي ڪتاب "فضائل القرآن" ۾ آندي آهي ۽ ملا علي قاري عليه الرحمة مرقاة المفاتيح شرح مشڪوٰة المصابيح ۾ انهيءَ حديث جي شرح ۾ لکيو آهي تہ "(مشڪوٰة جي شارح) علامه طيبي چيو آهي تہ هي حديث پاڪ انهيءَ ڳالهہ تي دلالت ڪري ٿي تہ رسول الله ﷺ جن کي جواب ڏيڻ نماز کي باطل نٿو ڪري، جيئن التحيات ۾ "السلام عليڪ ايها النبي" جي لفظ سان نبي پاڪ ﷺ جن کي خطاب ڪرڻ نماز کي باطل نٿو ڪري. علامه قاضي محمد ثناءُ الله پاني پتي عليه الرحمة تفسير مظهري شريف ۾ مذڪوره آيت پاڪ جي تفسير ۾ لکيو آهي: مسئله: وقيل اجابة الرسول لا يقطع الصلوٰة وقيل دعائه ان ڪان لامر لا يحتمل التاخير فللمصلي ان يقطع الصلوٰةلاجله والظاهر هو المعني الاول والا فقطع الصلوٰة يجوز لڪل امر ديني مهم يفوت بالتاخير. ترجمو: "مسئلو: چيو ويو آهي تہ رسول الله ﷺ جن کي جواب ڏيڻ سان نماز نہ ٽٽندي ۽ اهو بہ چيو ويو آهي تہ جيڪڏهن رسول الله، ﷺ جن جو سڏ اهڙي ڪم لاءِ آهي، جيڪو دير جو احتمال نٿو رکي تہ نماز پڙهندڙ کي گهرجي تہ ان ڪم لاءِ نماز کي ٽوڙي. ظاهر پهرين معنيٰ ئي آهي، چو تہ هر ديني ضروري ڪم جيڪوتاخير جو احتمال نٿو رکي ان لاءِ نماز کي ٽوڙڻ جائز آهي . والله ورسوله اعلم بالصواب.

حضرت شيخ ولي الدين عليه الرحمة مشڪوٰة المصابيح جي باب ما علي الماموم من المتابعة وحڪم المسبوق ۾ لکيو آهي تہ حضرت عائشہ صديقہ رضي الله تعاليٰ عنها روايت ڪري ٿي تہ جڏهن رسول الله ﷺ (جن آخري بيماريءَ ۾) سخت بيمار هئا، تڏهن (هڪ ڏينهن) حضرت بلال رضي الله تعاليٰ عنه ڪين نماز جو اطلاع ڪرڻ آيو تہ (پاڻ ڪريم ﷺ) جن فرمايو مروا ابا بڪر ان يصلي بالناس (ابو بڪر کي چئو تہ ماڻهن کي نماز پڙهائي.) پوءِ حضرت ابوبڪرصديق رضي الله تعاليٰ عنه ڪجهه ڏينهن ماڻهن کي نماز پڙهائي. پوءِ هڪڙي ڏينهن حضرت نبي ڪريم ﷺ جن پنهنجي طبعيت مبارڪ ۾ هلڪائي محسوس ڪئي تہ ٻن مردن جي سهاري مسجد شريف ۾



آيا، حالانڪ (ڪمزوريءَ جي ڪري) سندن قدم مبارڪ زمين تي لڳندا ٿي آيا. حضرت ابوبڪرصديق رضي الله تعاليٰ عنه جڏهن سندن چرپر جو آواز ٻڌو تہ پوئتي هٽڻ لڳو. تڏهن رسول الله ﷺ جن اشارو ڪيو تہ پوئتي نہ هٽي. پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن حضرت ابوبڪر صديق جي کاٻي طرف اچي ويٺا. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه بيهي نماز پڙهي رهيو هو ۽ رسول الله ﷺ جن ويهي نماز پڙهي رهيا هئا. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه رسول الله ﷺ جن جي نماز جي اقتدا ڪري رهيو هو ۽ ٻيا ماڻهو حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جي نماز جي اقتدا ڪري رهيا هئا. علامه علي قاري عليه الرحمة مرقاة المفاتيح شرح مشڪوٰة المصابيح ۾ لکيو آهي تہ "شرح السنة ۾ آهي تہ هن حديث پاڪ ۾ اهو دليل آهي تہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه رسول الله ﷺ (۽ ڪل نبين) کان پوءِ سڀني ماڻهن کان افضل آهي ۽ سڀني کان وڌيڪ خلافت جو حقدار آهي.

حضرت علامه شيخ الاسلام ابو عبدالله محمد بن اسماعيل بخاري عليه الرحمة صحيح البخاري جي باب اهل العلم والفضل احق بالامامة ۾ روايت آندي آهي تہ "حضرت زهري رضي الله تعاليٰ عنه چيو تہ مون کي حضرت انس بن مالڪ انصاري رضي الله تعاليٰ عنه ٻڌايو، جيڪو حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جو تابعدارءِ خدمتگذار ۽ صحابي هو تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي وصال واري بيماريءَ ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه ماڻهن کي نماز پڙهائيندو هو. جڏهن سومر جو ڏينهن ٿيو تہ صحابي سڳورا رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين نماز ۾ صفون ٻڌي بيٺا هئا تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن حجري شريف جو پردو کولي بيهي اسان ڏانهن نهارڻ لڳا، چڻ تہ سندن منهن مبارڪ مصحف جو ورق هو يعني تمام گهڻو روشن هو. پوءِ پاڻ ﷺ جن مرڪيا. حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي ديدار سان اسان کي ايتري خوشي ٿي جو نماز ٽوڙڻ تي هئاسون. پوءِ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه صف ۾ ملڻ لاءِ پوئتي هٽيو، ڇاڪاڻ تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن نماز لاءِ اچي رهيا آهن. پوءِ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن اسان کي اشاري سان ٻڌايو تہ نماز پوري ڪريو ۽ پاڻ ﷺ پردي کي هيٺ ڪري (حجري شريف ۾) هليا ويا ۽ انهي ڏينهن سندن وصال

ٿيو "هن حديث مان معلوم ٿيو تہ عين نماز جي حالت ۾ محبوب پاڪ صاحب لولاڪ ﷺ ڏانهن متوجهہ ٿيڻ يا محبوب ڪريم ﷺ جي تعظيم ڪرڻ ڪو خراب فعل نہ آهي، ڇو تہ حضرت ابوبڪر صديق محبوب ڪريم ﷺ جن جي تعظيم ۽ادب خاطر نماز ۾ پوئتي هٽيو ۽ صحابہ ڪرام رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين جو توجہ حضور پاڪ ﷺ جن ڏانهن ٿيو جنهن جي ڪري حضور پاڪ ﷺ جي ديدار جي خوشيءَ ۾ نماز ٽوڙڻ وارا هئا. حضرت علامہ قاضي عياض مالڪي عليہ الرحمة پنهنجي ڪتاب الشفا بتعريف حقوق المصطفيٰ جي پهرين جلد ۾ لکيو آهي تہ "حضرت اسماء بنت عميس رضي الله تعاليٰ عنها روايت ڪري ٿي تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن وٽ وحي آيو ۽ سندن مٿو مبارڪ حضرت علي ڪرم الله وجهہ جي هنج ۾ هو، انهيءَ ڪري (حضرت علي ڪرم الله وجهہ) وچين جي نماز نہ پڙهي سگهيو. سج لهي ويو حضرت نبي ڪريم ﷺ جن پڇيو تہ اي علي! تو وچين جي نماز پڙهي آهي؟ (حضرت علي ڪرم الله وجهہ) عرض ڪيو تہ نہ! تڏهن پاڻ ڪريم ﷺ دعا گهري: اللّٰهم انه كان في طاعتك وطاعة رسولك فاردد عليه الشمس (ياالاهي! حضرت علي تنهنجي ۽ تنهنجي رسول جي اطاعت ۾ هو، ان ڪري سج کي واپس موٽاءِ) حضرت اسماءُ بنت عميس رضي الله عنها فرمائي ٿي تہ مون ڏٺو سج لهي چڪو هو ان کان پوءِ وري اڀريو ۽ (سج جي روشني) جبلن ۽ زمين تي ظاهر ٿي. اهو واقعو مقام صهباء تي پيش آيو، جيڪو خيبر کي ويجهو آهي."

## راعنا چوڻ کان منع

الله تعاليٰ سورة البقره جي تيرهين رڪوع ۾ فرمايو آهي: يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَقُوْلُوْا رَاعِنَا وَقُوْلُوا انْظُرْنَا وَاسْمَعُوْا ، وَلِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ترجمو: "اي ايمان وارو! (منهنجي حبيب ﷺ سان ڪلام ڪرڻ وقت) راعنا نہ چئو، بلڪ انظرنا چئو ۽ (ان جي ڳالهہ پهرين ئي) غور سان ٻڌندا ڪريو ۽ ڪافرن جي لاءِ درد ناڪ عذاب آهي."

صحابہ ڪرام رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين کي جڏهن رسول الله ﷺ جن جي ڪا ڳالهہ پوري طرح سمجهہ ۾ نہ ايندي هئي تہ عرض ڪندا هئا: راعنا يا رسول الله! (اي الله جا رسول! اسان سان رعايت ڪريو، يعني اها ڳالهہ وري ٻڌايو) صحابہ ڪرام رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين



رعايت واري معنيٰ جي نيت سان "راعنا" جو لفظ استعمال ڪندا هئا. پر يهودين جي ٻولي ۾ اهو لفظ خراب معنيٰ ۾ استعمال ٿيندڙ هو. انهيءَ خراب معنيٰ جي ارادي سان هو رسول الله ﷺ جن کي مخاطب ٿيندا هئا ۽ کلندا هئا يا تہ لفظ کي ٿورو مٽائي "راعينا" ڪري استعمال ڪندا هئا جنهن جي معنيٰ آهي "اسان جا ڌنار!" جڏهن تہ ان لفظ ۾ خراب معنيٰ جو احتمال هو، ان ڪري رب پاڪ ان جي استعمال جي منع فرمائي ۽ ان جاءِ تي انظرنا جو لفظ استعمال ڪرڻ جو حڪم فرمايو، جيئن مولانا قاضي محمد ثناءُ الله پاني پتي عليہ الرحمة تفسير مظهري شريف ۾ لکيو آهي تہ "يهودين جي ٻوليءَ ۾ اهو لفظ سخت گار هو. ڪن چيو آهي تہ ان جي معنيٰ آهي "ٻڌ شل نہ ٻڌين!" ۽ ڪن چيو آهي تہ "رعونة" کان وتل آهي، معنيٰ آهي "اي بيوقوف!" پوءِ جڏهن يهودين (مسلمانن کان اهو لفظ استعمال ڪندي) ٻڌو تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن کي گار جي نيت سان انهيءَ لفظ سان مخاطب ٿيڻ لڳا ۽ پاڻ ۾ کلندا هئا. پوءِ حضرت سعد بن معاذ رضي الله تعاليٰ عنه سمجهي ويو ۽ چيائين تہ جيڪڏهن هاڻي اهو لفظ اوهان رسول الله ﷺ جن لاءِ استعمال ڪيو ۽ مون ٻڌو تہ آئون اوهان کي ضرور قتل ڪري ڇڏيندس. هو چوڻ لڳا تہ ڇا اوهان اهو لفظ استعمال نٿا ڪريو. تڏهن الله تعاليٰ هيءَ آيت پاڪ نازل فرمائي: يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَقُوْلُوْا رَاعِنَا وَقُوْلُوا انْظُرْنَا (اي ايمان وارو! "راعنا" نہ چئو "انظرنا" چئو.) علامہ غياث الدين پنهنجي مشهور ڪتاب غياث اللغات ۾ لکيو آهي تہ "راعنا جي معنيٰ آهي اسان سان رعايت ڪر. صحابہ ڪرام رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين انهيءَ معنيٰ جي ارادي سان نبي ڪريم ﷺ جن جي حضور ۾ "راعنا" جو لفظ ڳالهائيندا هئا. يهودي لفظ "راعنا" کي ٿورو ڦيرائي "راعينا" ڪري پڙهندا هئا، جنهن جي معنيٰ آهي "اسان جو ڌنار." الله تعاليٰ صحابہ ڪرام رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين کي منع فرمائي تہ حضور ڪريم ﷺ جن سان ڳالهائڻ وقت "راعنا" جو لفظ نہ چئو بلڪ "انظرنا" چئو.

حضرت علامہ محمد بن احمد انصاري قرطبي عليہ الرحمة تفسير القرطبي ۾ انهيءَ آيت پاڪ جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ "هن آيت پاڪ ۾ هن ڳالهہ جو دليل آهي تہ بارگاهہ رسالت ۾ اهڙن لفظن جي استعمال کان پاسو ڪرڻ ضروري آهي، جن ۾ بي ادبي ۽ تنقيص جو رڳو احتمال هجي."

شيخ الاسلام امام محمد بن اسماعيل بخاري عليہ الرحمة صحيح

البخاري جي پهرين جلد ۾ هڪ ڊگهي روايت آندي آهي، جنهن ۾ آهي ته حضرت عروه بن مسعود رضي الله تعاليٰ عنه (مسلمان ٿيڻ کان پهرين) ڪافرن جي طرفان مقام حديبيه تي رسول الله ﷺ جن سان گفتگو ڪرڻ آيو. ان وقت صحابه ڪرام رضي الله تعاليٰ عنهم کي رسول الله ﷺ جن جو ادب ۽ احترام ڪندي ڏسي واپس وڃي، قريش کي هنن لفظن ۾ ٻڌايو ته "الله تعاليٰ جو قسم آهي! آئون بادشاهن وٽ ويو آهيان. قيصر ڪسريٰ ۽ نجاشي وٽ ويو آهيان. الله جو قسم! مون اهڙو ڪو به بادشاهه نه ڏٺو، جنهن جا نوڪر چاڪر ان جي ايتري تعظيم ڪندا هجن، جيتري محمد (ﷺ) جا اصحابي محمد (ﷺ) جي تعظيم ڪن ٿا. الله جو قسم آهي، جيڪڏهن هو لعاب وات مان ٻاهر ڪڍي ٿو ته ڪنهن نه ڪنهن صحابي جي هٿ تي پوي ٿو، جنهن کي هو پنهنجي منهن ۽ بدن تي (تبرڪًا) مکي ٿو ۽ جڏهن ڪنهن ڪم جو حڪم فرمائي ٿو ته جلد ان جي تعميل ڪن ٿا ۽ جڏهن وضو ڪري ٿو ته استعمال ٿيل پاڻيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ ايتري ته تکڙ ڪن ٿا، جو وڙهڻ کي قريب ٿا ڏسجن ۽ جڏهن ڳالهائي ٿو ته پنهنجا آواز جهڪا ڪري ڇڏيندا آهن ۽ (ادب جي ڪري) ان ڏانهن چتائي نه نهاريندا آهن."

علامه قاضي عياض مالڪي عليه الرحمة پنهنجي ڪتاب "الشفا بتعريف حقوق المصطفيٰ" جي ٻئي جلد ۾ لکيو آهي ته "حضرت انس رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي، ته مون ڏٺو ته حجام رسول الله ﷺ جن جي مٿي مبارڪ جا وار مبارڪ لاهي رهيو هو ۽ صحابي سڳورا انهي ارادي سان چوطرف ڦري رهيا هئا ته جيڪو وار مبارڪ هيٺ لهي سو ڪنهن نه ڪنهن صحابي جي هٿ ۾ اچي ۽ هي ڳالهه به انهيءَ باب مان آهي ته جڏهن رسول الله ﷺ جن حضرت عثمان رضي الله تعاليٰ عنه کي صلح حديبيه واري وقت قريشن ڏانهن موڪليو، تڏهن قريشن حضرت عثمان رضي الله تعاليٰ عنه کي بيت الله جي طواف جي اجازت ڏني، پر پاڻ انڪار ڪندي فرمايائون ته ما ڪنت لافعل حتيٰ يطوف به رسول الله ﷺ (آئون ايستائين بيت الله شريف جو طواف نه ڪندس، جيستائين رسول الله ﷺ جن ان جو طواف نٿا ڪن.)

علامه موصوف عليه الرحمة ساڳئي ڪتاب جي ٻئي جلد ۾ لکيو آهي ته "حضرت اسامه بن شريڪ فرمائي ٿو ته آئون حضور ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ آيس ته صحابي سڳورا سندن چوطرف ائين (خاموشيءَ ۽ سڪون سان) ويٺا هئا، جهڙوڪر مٿن تي پکي ويٺل هجن."

## محبوب پاڪ ﷺ جي نالي پاڪ جو ادب



علامه شيخ اسماعيل حقي عليه الرحمة تفسير روح البيان ۾ سورة الاحزاب جي آيت پاڪ مَا كَانَ مُحَمَّدٌ اَبَآ اَحَدٍ مِّنْ رِّجَالِكُمْ جي تفسير ۾ لکيو آهي ته "بني اسرائيل ۾ هڪ اهڙو شخص هو، جنهن سؤ سال الله جي نافرماني ڪئي هئي. پوءِ جڏهن وفات ڪري ويو ته ڪٺي ڪنهن اروڙي تي اڇلائي ڇڏيائون. پوءِ الله تعاليٰ حضرت موسيٰ عليه السلام ڏانهن وحي موڪليو ته ان کي اروڙي تان ڪڍائي (غسل ڏياري، ڪفن ڍڪائي،) جنازي جي نماز پڙهي دفن ڪرائي ڇڏ. حضرت موسيٰ عليه السلام عرض ڪيو ته اي منهنجا رب! بني اسرائيل وارا شاهدي ٿا ڏين ته بيشڪ انهيءَ شخص سؤ سال تنهنجي نافرماني ڪئي آهي. الله تعاليٰ حضرت موسيٰ عليه السلام ڏانهن وحي موڪليو ته بيشڪ ائين آهي، پر جڏهن به هو توريت شريف کوليندو هو ۽ حضرت محمد ﷺ جن جو نالو ڏسندو هو ته چمي اکين تي رکندو هو. مون ڪيس ان عمل جي بدلي ۾ بخش ڪيو ۽ ڪيس ستر حورون پرڻايم." علامه جلال الدين سيوطي عليه الرحمة الخصائص الکبريٰ جي پهرين جلد ۾ اهو قصو آندو آهي پر اتي لکيل آهي ته "ان شخص ٻه سؤ سال الله تعالي جي نافرماني ڪئي هئي، والله اعلم بالصواب"

حضرت علامه شيخ احمد طحطاوي عليه الرحمة مراقي الفلاح جي حاشيه ۾ لکيو آهي ته قهستاني ڪنز العباد کان نقل ڪيو آهي ته مستحب آهي ته (اذان ٻڌندڙ) نبي ڪريم ﷺ جن جي رسالت جي پهرين شاهدي ٻڌڻ وقت ٻئي آڱوٺا چمي اکين تي رکڻ کان پوءِ صلي الله عليڪ يا رسول الله چوي ۽ ٻي شاهدي ٻڌڻ وقت ٻئي آڱوٺا چمي اکين تي رکڻ کان پوءِ قرة عيني بڪ يا رسول الله چوي . ان کان پوءِ "اللهم متعني بالسمع والبصر" چوي. جيڪو ائين ڪندو، ان کي حضرت نبي ڪريم ﷺ جن پنهنجي قيادت ۾ جنت ۾ وٺي ويندا ۽ علامه ديلمي مسند الفردوس ۾ حضرت ابوبڪر صديق جن جي مرفوع حديث آندي آهي ته جنهن اذان ۾ مؤذن کان اشهد ان محمدا رسول الله ٻڌڻ وقت پنهنجي شاهد آڱرين جو اندريون پاسو چمي اکين تي رکيو ۽ هي لفظ چيا: اشهد ان محمدا عبده ورسوله رضيت بالله ربا وبالاسلام دينا و بمحمد نبيا ته ان لاءِ منهنجي شفاعت ثابت ٿي. حضرت خضر عليه السلام کان به اهڙي روايت ڪئي ويئي آهي ۽ فضائل ۾ اهڙي روايت تي عمل ڪيو ويندو آهي.

اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان فاضل بريلوي عليه الرحمة فتاويٰ رضويه ۾ شامل ڪيل رسالي منير العين في حڪم تقبيل الابهامين" ۾ حضرت ملا علي قاري عليه الرحمة جي ڪتاب "الاسرار المرفوعة في الاخبار الموضوعة" جي حوالي سان لکيو آهي تہ "واذا ثبت رفعه الي الصديق فيكفي للعمل به لقوله عليه الصلوٰة والسلام :عليكم بسنتي وسنة الخلفاءِ الراشدين." ترجمو: جڏهن حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه تائين ان جو ثبوت آهي تہ عمل لاءِ ايترو ڪافي آهي، ڇو تہ حضور عليه السلام جو فرمان آهي تہ لازم ڪري وٺو اوهان پنهنجي مٿان منهنجي سنت کي ۽ خلفاءِ راشدين جي سنت کي."

خاتمة المحققين علامه ابن عابدين شامي عليه الرحمة پنهنجي مشهور ڪتاب "رد المحتار" علي "الدر المختار" جي باب الاذان ۾ ۽ علامه اسماعيل حقي عليه الرحمة تفسير روح البيان ۾ سورة الاحزاب جي آيت ڪريمه اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَي النَّبِيِّ. جي تفسير ۾ اهو مسئلو تفصيل سان آندو آهي ۽ تفسير جلالين جي حاشيه ۾ پڻ اهو مسئلو تفصيل سان لکيل آهي.

## محبوب پاڪ ﷺ جن جي حديث پاڪ جو ادب

خاتمة المحققين علامه ابن عابدين شامي عليه الرحمة پنهنجي مشهور ڪتاب "رد المحتار" جي ڪتاب الطهارة ۾ ۽ علامه ابوالاخلاص حسن وفائي شرنبلالي عليه الرحمة پنهنجي مشهور ڪتاب نور الايضاح جي "ڪتاب الطهارة" ۾ لکيو آهي تہ "وحديثٍ وروايته". ترجمو: حديث پاڪ پڙهڻ وقت ۽ ان جي روايت بيان ڪرڻ وقت (وضوء سان هجڻ مستحب آهي.)"

علامه قاضي عياض مالڪي عليه الرحمة پنهنجي مشهور ڪتاب "الشفا بتعريف حقوق المصطفيٰ" ۾ لکيو آهي تہ "حضرت عبدالله بن مبارڪ عليه الرحمة فرمائي ٿو تہ آئون حضرت امام مالڪ رضي الله تعاليٰ عنه وٽ ويٺل هئس. پاڻ اسان کي محبوب ڪريم ﷺ جون حديثون ٻڌائي رهيا هئا تہ هڪ وڇون کين سورهن ڀيرا ڏنگ هڻي ويو. سندن رنگ تبديل ٿي هيڊو ٿيڻ لڳو، پر رسول الله ﷺ جي حديث پاڪ نہ ڇڏيائون. جڏهن مجلس برخاست ٿي، ماڻهو پکڙي ويا. تڏهن مون کين عرض ڪيو تہ اي ابو عبدالله! مون تہ اڄ اوهان جي عجب جهڙي حالت ڏٺي آهي! (جواب ۾) فرمايائون تہ نعم انما صبرت اجلالا لحديث رسول الله ﷺ. ترجمو: "هائو رسول الله ﷺ جن جي حديث جي عظمت جي ڪري ٿي مون صبر ڪيو."

وآخر دعوانا ان الحمد لله رب العالمين والصلوٰة والسلام عليٰ رسوله الكريم الامين وعليٰ آله واصحابه اجمعين



# باب چوٿون

## حضرت رسول ڪريم ﷺ جن جي گستاخ جي مذمت جي بيان ۾

بسم الله الرحمٰن الرحيم

- نحمده ونصلي ونسلم عليٰ رسوله الكريم اما بعد! فقال الله تعاليٰ في القرآن الكريم

اِنَّ الَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ وَاَعَدَّ لَهُمْ عَذَابًا مُّهِيْنًا صدق الله العلي العظيم

ترجمو: "بيشڪ جيڪي ماڻهو ايذاءُ پهچائيندا آهن الله ۽ ان جي رسول کي، الله تعاليٰ انهن کي پنهنجي رحمت کان محروم ڪري ڇڏيندو آهي، دنيا ۾ بہ تہ آخرت ۾ بہ ۽ ان تيار ڪري رکيو آهي، انهن جي لاءِ خوار ڪندڙ عذاب" هن آيت پاڪ جي تفسير ۾ علامه قاضي محمد ثناء الله پاڻي پتي عليه الرحمة تفسير مظهري شريف ۾ لکيو آهي:

**مسئله** :- من اذيٰ رسول الله ﷺ بطعن في شخصه او دينه او نسبه اوصفة من صفاته او وجه من وجوه الشين فيه صراحة اوكناية او تعريضًا او اشارة كفر ولعنه الله في الدنيا و الآخرة واعد له عذاب جهنم

ترجمو: "جنهن رسول الله ﷺ جن کي ايذايو، سندن وجود ۾، يا دين ۾، يا نسب ۾، يا صفتن مان ڪنهن صفت ۾ عيب جوئي ڪرڻ سان، يا ڪنهن بہ قسم جي برائي منسوب ڪرڻ سان، صراحةً يا ڪنايةً يا تعريضًا يا اشارةً تہ اهو ڪافر ٿي چڪو ۽ دنيا آخرة ۾ الله تعاليٰ ان کي پنهنجي رحمت کان محروم ڪري ڇڏيو ۽ (الله تعاليٰ) ان جي لاءِ جهنم جو عذاب تيار ڪري رکيو آهي."

حضرت علامه عالم بن علاؤ انصاري اندر پتي دهلوي عليه الرحمة "فتاويٰ تاتارخانيه" جي ڪتاب "احڪام المرتدين" ۾ لکيو آهي تہ "ولو عاب النبي ﷺ بشيءِ من العيوب يكفر. -

ترجمو: "جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ڏانهن ڪو بہ عيب منسوب ڪيو تہ اهو ڪافر ٿي ويندو."

## محبوب پاڪ ﷺ جن جو نسب شريف

ڇاڪاڻ ته رسول الله ﷺ جن جي نسب بابت ڪي جاهل ۽ بدعقيده ماڻهو نامناسب لفظ ڳالهائي، حضرت نبي ڪريم ﷺ جن کي ايذائيندا آهن ۽ پنهنجي آخرت برباد ڪندا آهن. ان ڪري حضور اڪرم ﷺ جن جي نسب شريف بابت ڪجهه بيان معتبر ڪتابن جي حوالن سان لکجي ٿو. حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي نسب بابت حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليه الرحمة هڪ مستقل ڪتاب نالي "فتح القوي في نسب النبي ﷺ" لکيو آهي، جنهن جي ٽئين باب ۾ آهي ته: "ڇاڪاڻ ته شيخ الاسلام خاتمة الحفاظ علامه جلال الدين سيوطي عليه الرحمة محبوب ڪريم ﷺ جن جي والدين جي اسلام جي ثبوت ۾ چار رسالا لکيا آهن. هڪڙو "مسالک الحنفا في والدي المصطفیٰ" ٻيو "الدرجة المنيفة في الآباء الشريفة" ٽيون "الدرر الڪامنة في اسلام السيدة أمنة" ۽ چوٿون رساله "اثبات الاسلام لوالدي النبي عليه السلام" علامه شامي پنهنجي سيرت ۾ مذڪوره رسالن جو حاصل مقصد ۽ ڪجهه وڌيڪ ذڪر ڪيو آهي. علامه ابن حجر قصيده همزيه جي شرح ۾ هن مسئلي بابت مختصر بيان درج ڪيو آهي."

حضرت مخدوم صاحب عليه الرحمة ٿورو اڳتي وري لکي ٿو ته "رسول الله ﷺ جن جي والدين جي باري ۾ ٽي قول آهن: هڪڙي جماعت جو چوڻ آهي ته رسول الله ﷺ جن جا والدين ناجي آهن، دوزخي نه آهن. ٻي جماعت ان جي خلاف چيو آهي ۽ ٽئين جماعت ان مسئلي ۾ سڪوت اختيار ڪيو آهي". مخدوم صاحب عليه الرحمة پهرين جماعت جي تائيد ۾ بحث ڪندي لکيو آهي ته "ڇاڪاڻ ته علامه جلال الدين سيوطي عليه الرحمة چيو آهي ته هن جماعت وٽ دليل ۽ برهان گهڻا آهن، جيڪي مضبوطي ۽ قوت ۾ وڏن جبلن جي مثال آهن ۽ جيڪي روايتون هن مفهوم جي خلاف اچن ٿيون، انهن جي ترديد بهترين جوابن سان ڪئي اٿن، جنهن جو انڪار انصاف پسند ماڻهو نه ٿو ڪري سگهي. مخدوم صاحب عليه الرحمة بحث جاري رکندي لکي ٿو ته "جيڪي عالم سڳورا نبي ڪريم ﷺ جن جي والدين جي نجات جا قائل آهن، انهن جا ان مسئلي ۾ ٽي مسلڪ آهن."

پهريون مسلڪ :- "اسان جي پيغمبر ﷺ جن جي بعثت کان پهرين اهي



وفات ڪري ويا ۽ اڳين نبين مان ڪنهن به نبي جي دعوت ڪين نه پهتي اهڙن ماڻهن تي عذاب اصلاً نه آهي، ڪهڙا به هجن. پوءِ جن جي شفيع الاولين والآخرين ﷺ جن سان والديت واري قرابت هجي، انهن تي عذاب ڇو ٿيندو؟"

ٻيو مسلڪ:- رسول الله ﷺ جن جي والدين کان شرڪ جي ڪا به ڳالهه ثابت نٿي آهي، بلڪ هو توحيد تي ۽ دين حنفيت تي هئا. جيڪو سندن ڏاڏي حضرت ابراهيم عليه الصلوٰة والسلام جو دين هو، جيئن ان دين تي عرب جي هڪ جماعت هئي، جنهن ۾ زيد بن عمرو بن نفيل، قيس بن ساعده ۽ ورقه بن نوفل وغيره شامل هئا. هن مسلڪ کي عالمن جي هڪ جماعت پسند ڪيو آهي. جن ۾ حضرت امام فخر الدين رازي عليه الرحمة به آهي."

ٽيون مسلڪ: الله تعاليٰ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي والدين کي وفات کان پوءِ زنده ڪيو، انهن پنهنجي فرزند ڪريم تي ايمان آندو. هي زنده ڪرڻ وارو واقعو حجة الوداع واري وقت پيش آيو. هن مسلڪ ڏانهن حديث جي امامن ۽ حافظن جي هڪ وڏي جماعت لاڙو ڪيو آهي."

حضرت مخدوم صاحب عليه الرحمة ٽنهي مسلڪن تي دليلن سان ڊگهو بحث لکيو آهي، جنهن کي واقف ٿيڻو هجي، ان کي "فتح القوي في نسب النبي ﷺ" جو ٽيون باب ڏسڻ گهرجي. حضرت مخدوم صاحب عليه الرحمة فتح القوي ۾ حضرت امام فخر الدين رازي عليه الرحمة جي ڪتاب "اسرار التنزيل" جي حوالي سان لکيو آهي ته "اسان جي پيغمبر ﷺ جا والدين ۽ سڀ ڏاڏا، ڏاڏيون حضرت آدم عليه السلام تائين توحيد تي هئا. انهن مان ڪو به مشرڪ نه هو. انهي معنيٰ تي دلالت ڪندڙ گهڻيون شيون آهن، انهن مان هڪ هي آيت پاڪ به آهي: اَلَّذِيْ يَرٰىكَ حِيْنَ تَقُوْمُ وَتَقَلُّبَكَ فِي السّٰجِدِيْنَ ترجمو: (اي محبوب ﷺ!) الله تعاليٰ ڏسي ٿو تو کي جڏهن تون (تهجد وغيره تي) بيهين ٿو ۽ ڏسي ٿو توکي سجدو ڪندڙن ۾ (ڦرندي)، انهي آيت پاڪ جي تفسير ۾ حضرت مولانا قاضي محمد ثناءالله پاني پتي عليه الرحمة تفسير مظهري شريف ۾ لکيو آهي ته "بهتر آهي ته هيءَ معنيٰ ڪجي ته ڏسي ٿو الله تعاليٰ توکي پاڪ مردن الله کي سجدو ڪندڙن جي پٺين کان، پاڪ عورتن، الله کي سجدو ڪندڙن جي پيٽن ڏانهن ڦرندي ۽ پاڪ عورتن، الله

كي سجدو كندڙن جي پيٽن كان پاڪ مردن الله كي سجدو كندڙن جي
پٺين ڏانهن ڦرندي يعني موحدن كان موحدن ڏانهن ڦرندي، جيئن هن ڳالهه
تي دلالت كري ٿي ته بيشڪ نبي كريم ﷺ جن جا والدين ۽ كل ڏاڏا ڏاڏيون
مؤمن هئا"

حضرت علامه شيخ سليمان جمل تفسير جلالين جي حاشيه ۾ انهي آيت پاڪ
جي تفسير ۾ لکيو آهي: اي يراڪ متقلبا في اصلاب وارحام المؤمنين من
لدن آدم و حواء الي عبد الله وآمنة فجميع اصوله رجالا و نساء مؤمنون.
ترجمو: "الله تعاليٰ ڏسي ٿو توكي مؤمنن جي پٺين ۽ پيٽن ۾ ڦرندي حضرت
آدم عليه الصلوٰة والسلام ۽ حضرت بيبي حوا رضي الله تعاليٰ عنها كان
وٺي حضرت عبد الله رضي الله تعاليٰ عنه ۽ حضرت بيبي آمنه رضي الله
تعاليٰ عنها تائين. پوءِ معلوم ٿيو ته محبوب پاڪ ﷺ جا والدين ۽ ڏاڏا
ڏاڏيون مرد توڙي عورتون سڀ مؤمن آهن . حضرت مخدوم صاحب عليه
الرحمة حضرت امام رازي عليه الرحمة جي كتاب اسرار التنزيل جي حوالي
سان اڳتي وري لکي ٿو ته "محبوب كريم ﷺ جن جا والدين ۽ ڏاڏا ڏاڏيون
سڀ توحيد تي هئا. ان جو ٻيو دليل هي آهي ته اسان جي پيغمبر ﷺ جن
فرمايو آهي ته (لم ازل انقل من اصلاب الطاهرين الي ارحام الطاهرات)
ترجمو: "آئون هميشه پاڪ مردن جي پٺين كان پاڪ عورتن جي پيٽن ڏانهن
منتقل ٿيندو رهيو آهيان" ۽ يقينًا مشرڪ پليت آهن. جيئن الله تعاليٰ فرمايو
آهي: إِنَّمَا الْمُشْرِكُوْنَ نَجَسٌ پوءِ واجب آهي ته رسول الله ﷺ جن جي
والدين ۽ ڏاڏن ڏاڏين مان كو به مشرڪ نه هجي.

ديوبندين، وهابين جي مجيل كتاب فتاويٰ حقانيه جي پهرين جلد ۾ آهي ته "علامه
ابن عابدين شامي عليه الرحمة دليلن سان ان ڳالهه كي ثابت كيو آهي ته حضور
پاڪ ﷺ جا والدين ماجدين ٻئي مسلمان آهن يا ته هن صورت جي كري ته
حضور پاڪ ﷺ جن جي اعزاز ۽ اكرام لاءِ انهن كي زنده كيو ويو، پوءِ ٻنهي
حضور پاڪ ﷺ تي ايمان آندو ۽ دين محمدي جو اقرار كيو، يا ته انهن جي
وفات زمانه فترت ۾ ٿي آهي ۽ ان كري اشاعره جي اصول مطابق مَنْ مَاتَ وَلَمْ
تَبْلُغْهُ الدَّعْوَةُ يَمُوْتُ نَاجِيًا ترجمو: "جنهن ان حالت ۾ وفات كئي جو ان كي دين
الاهي جي دعوت نه پهتي ته اهو ڇوٽكاري وارو ٿيندو."



# اعتراض ۽ جواب

اعتراض (١) : الله تعاليٰ سورة انعام جي نائين ركوع ۾ فرمايو آهي: وَاِذْ
قَالَ اِبْرٰهِيْمُ لِاَبِيْهِ اٰزَرَ اَتَتَّخِذُ اَصْنَامًا اٰلِهَةً ۚ اِنِّيْٓ اَرٰىكَ وَقَوْمَكَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ
ترجمو "۽ ياد كر جڏهن ابراهيم پنهنجي پيءُ آزر كي چيو ته ڇا تون بتن كي
خدا بنائين ٿو؟ بيشڪ آئون توكي ۽ تنهنجي قوم كي كليل گمراهيءَ ۾
ڏسان ٿو"

انهيءَ آيت پاڪ جي ظاهر مان معلوم ٿيو ته حضرت ابراهيم عليه
السلام جو پيءُ آزر هو ۽ اهو به معلوم ٿيو ته آزر بتن جو پوڄاري هو ۽
محبوب كريم ﷺ جن حضرت ابراهيم عليه السلام جي اولاد مان آهن.

**جواب:** ترجيح انهيءَ قول كي آهي ته آزر حضرت ابراهيم عليه السلام جو
چاچو هو، سندن پيءُ جو نالو تارخ آهي ۽ آيت پاڪ ۾ لفظ اب چاچي جي
معني ۾ آهي، جو ته لفظ اب پيءُ جي معنيٰ ۾ به اچي ٿو ته ڏاڏي ۽ چاچي
جي معنيٰ ۾ به اچي ٿو. جيئن الله تعاليٰ سورة بقره جي سورهين ركوع ۾
ارشاد فرمايو آهي: اِذْ قَالَ لِبَنِيْهِ مَا تَعْبُدُوْنَ مِنْۢ بَعْدِيْ ۚ قَالُوْا نَعْبُدُ اِلٰهَكَ وَاِلٰهَ
اٰبَآئِكَ اِبْرٰهٖمَ وَاِسْمٰعِيْلَ وَاِسْحٰقَ اِلٰـهًا وَّاحِدًا ۚ وَّنَحْنُ لَهٗ مُسْلِمُوْنَ
ترجمو: "جڏهن پڇيو يعقوب عليه السلام پنهنجن پٽن كان ته اوهان كنهن
جي عبادت كندا منهنجي (انتقال كري وڃڻ كان) پوءِ انهن عرض كيو ته
اسين عبادت كنداسون اوهان جي خدا جي ۽ اوهان جي ابن ڏاڏن (حضرت)
ابراهيم (حضرت) اسماعيل ۽ (حضرت) اسحاق جي خدا جي جو خدا وحده
لاشريڪ له آهي ۽ ان جا فرمانبردار ٿي رهنداسون" هن آيت پاڪ ۾ حضرت
ابراهيم، حضرت اسماعيل ۽ حضرت اسحاق عليهم السلام ٽنهي لاءِ آباء جو
لفظ استعمال ٿيل آهي. جيكو اب جو جمع آهي، حالانڪ حضرت ابراهيم
عليه السلام، حضرت يعقوب عليه السلام جو ڏاڏو آهي. حضرت اسماعيل
عليه السلام حضرت يعقوب عليه السلام جو چاچو آهي ۽ حضرت اسحاق
عليه السلام حضرت يعقوب عليه السلام جو پيءُ آهي. معلوم ٿيو ته اب جو
لفظ پيءُ لاءِ اچي ٿو ته ڏاڏي ۽ چاچي لاءِ به اچي ٿو.

حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليه الرحمة پنهنجي كتاب فتح القوي
في نسب النبي جي ٽئين باب ۾ لکيو آهي ته "امام فخر الدين رازي گفت

ڪ قول ارجح آنست ڪ آزر عم ابراهيم بود نہ پدراو" ترجمو: امام فخر الدين رازي عليه الرحمة چيو آهي تہ وڌيڪ ترجيح وارو قول اهو آهي تہ آزر حضرت ابراهيم عليه السلام جو چاچو هو پيءُ نہ هو . حضرت علامه قاضي محمد ثناء الله پاني پتي عليه الرحمة سورة الانعام جي آيت پاڪ وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهِيْمُ لِاَبِيْهِ اٰزَرَ جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ وقال السيوطي روينا بالاسانيد عن ابن عباس ومجاهد وابن جرير والسدي انهم قالوا ليس آزر ابًا لابراهيم انما هو ابراهيم بن تارخ" ترجمو: علامه سيوطي فرمايو آهي تہ اسان مختلف سندن سان حضرت ابن عباس، حضرت مجاهد، حضرت ابن جرير، ۽ حضرت سدي کان روايتون بيان ڪري آهيان آهيون، انهن سڀني چيو آهي تہ آزر حضرت ابراهيم عليه الصلوٰة والسلام جو پيءُ نہ هو. حضرت ابراهيم عليه الصلوٰة والسلام تہ تارخ جو پٽ آهي"

**اعتراض (2 )** هڪ روايت ۾ آيو آهي تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ فرمايو ليت شعري مافعل ابواي ( ڪاش مون کي معلوم هجي ها تہ منهنجي والدين چا ڪيو؟) پوءِ هيءَ آيت پاڪ نازل ٿي: وَلَا تُسْئَلُ عَنْ اَصْحٰبِ الْجَحِيْمِ. ترجمو: جحيم وارن جي باري ۾ توکان پڇاڻو ڪو نہ ٿيندو.

**جواب:** حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليه الرحمة فتح القوي في نسب النبي جي ٽئين باب ۾ انهي اعتراض جو جواب ڏيندي لکيو آهي تہ "علامه شامي پنهنجي سيرت ۾ چيو آهي تہ هن حديث جي سند ضعيف آهي، حجت جي صلاحيت رکندڙ نہ آهي ۽ حافظ جلال الدين سيوطي عليه الرحمة چيو آهي تہ حديث جي معتبر ڪتابن مان ڪنهن بہ ڪتاب ۾ هي حديث ذڪر ٿيل نہ آهي، مگر ڪن تفسيرن ۾ منقطع سند سان ذڪر ٿيل آهي. جنهن سان دليل نٿو وٺي سگهجي. ۽ ان تي ڀروسو بہ نٿو ڪري سگهجي."

**اعتراض(3)** هڪ روايت ۾ آيو آهي تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ارادو فرمايو تہ پنهنجي والده لاءِ استغفار جي دعا گهرن تڏهن هي آيت پاڪ نازل ٿي: مَا كَانَ لِلنَّبِيِّ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْ يَّسْتَغْفِرُوْا لِلْمُشْرِكِيْنَ وَلَوْ كَانُوْٓا اُولِيْ قُرْبٰى مِنْۢ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمْ اَنَّهُمْ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ

**جواب :-** حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليه الرحمة فتح القوي في نسب النبي ۾ انهي اعتراض جو جواب ڏيندي لکيو آهي تہ "علامه شامي پنهنجي سيرت ۾ چيو آهي تہ ان حديث جي سند ضعيف آهي حجت جي



صلاحيت نٿي رکي چو تہ ان جي سند ۾ ايوب بن هاني داخل آهي ۽ حافظ ذهبي پنهنجي مختصر ۾ چيو آهي تہ ايوب بن هاني کي يحييٰ بن معين ضعيف چيو آهي. پوءِ ان حديث جو ضعيف هجڻ ثابت ٿيو. حافظ جلال الدين سيوطي رضي الله تعاليٰ عنه چيو آهي تہ هي حديث سند جي ضعيف هجڻ سان گڏ صحاح جي حديثن جي بہ مخالف آهي. چو تہ صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ آيو آهي تہ هي آيت پاڪ ابو طالب جي باري ۾ نازل ٿي. جڏهن حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ آئون ابو طالب جي لاءِ بخشش جي دعا ايستائين گهرندو رهندس جيستائين مون کي ان کان روڪيو نہ ويو."

**اعتراض(4)** ممڪن آهي تہ هيءَ آيت پاڪ بہ ٻيرا نازل ٿي هجي هڪ ڀيرو ابوطالب جي باري ۾ ۽ ٻيو ڀيرو حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي والده جي باري ۾

**جواب :-** حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رضي الله تعاليٰ عنه فتح القوي في نسب النبي جي ٽئين باب ۾ انهي اعتراض جي جواب ۾ لکيو آهي تہ "علامه چلپي پنهنجي سيرت ۾ چيو آهي تہ ناممڪن ۽ باطل آهي، جو هڪ ڀيرو روڪيو وڃي نبي ڪريم ﷺ جن کي ڪافرن لاءِ بخشش جي دعا گهرڻ کان پوءِ، وري ان طرف رجوع فرمائين."

**اعتراض(5)** چون ٿا تہ حضرت امام ابوحنفيه رضي الله تعاليٰ عنه فقه اڪبر ۾ لکيو آهي تہ رسول الله ﷺ جن جي والدين جي وفات ڪفر جي حالت ۾ ٿي- ( نعوذ بالله من ذالک)

**جواب :-** حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي پنهنجي ڪتاب فتح القوي في نسب النبي جي ٽئين باب ۾ انهي اعتراض جي جواب ۾ لکيو آهي تہ "علامه ابن حجر مڪي عليه الرحمة پنهنجي فتاويٰ ۾ چيو آهي تہ محبوب پاڪ ﷺ جن جي والدين جي باري ۾ فقه اڪبر ۾ ابو حنفيه رضي الله تعاليٰ عنه کان جيڪو نقل ڪيل آهي، سو رد ڪيل آهي. هن سبب جي ڪري تہ اهي لفظ فقه اڪبر جي معتبر نسخن ۾ نہ آهن ۽ پڻ هن سبب جي ڪري تہ جنهن نسخي ۾ اهي لفظ موجود آهن. اهو حضرت امام ابو حنيفه نعمان بن ثابت ڪوفي رضي الله تعاليٰ عنه جي تاليف نہ آهي. بلڪ اهو تہ ابوحنيفه محمد بن يوسف بخاري جي تاليف آهي. علامه برزنجي هيءُ عبارت نقل ڪرڻ کان پوءِ چيو آهي تہ علامه ابن حجر جيڪي چيو آهي، سو صحيح آهي

ڪ قول ارجح آنست ڪ آزر عم ابراهيم بود نہ پدراو" ترجمو: امام فخر الدين رازي عليه الرحمة چيو آهي تہ وڌيڪ ترجيح وارو قول اهو آهي تہ آزر حضرت ابراهيم عليه السلام جو چاچو هو پيء نہ هو. حضرت علامه قاضي محمد ثناء الله پاني پتي عليه الرحمة سورة الانعام جي آيت پاڪ وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهِيْمُ لِاَبِيْهِ اٰزَرَ جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ وقال السيوطي روينا بالاسانيد عن ابن عباس ومجاهد وابن جرير والسدي انهم قالوا ليس آزر ابًا لابراهيم انما هو ابراهيم بن تارخ" ترجمو: علامه سيوطي فرمايو آهي تہ اسان مختلف سندن سان حضرت ابن عباس، حضرت مجاهد، حضرت ابن جرير، ۽ حضرت سدي کان روايتون بيان ڪري آهيان آهيون، انهن سڀني چيو آهي تہ آزر حضرت ابراهيم عليه الصلوٰة والسلام جو پيءُ نہ هو. حضرت ابراهيم عليه الصلوٰة والسلام تہ تارخ جو پٽ آهي."

**اعتراض** (2 ) هڪ روايت ۾ آيو آهي تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ فرمايو ليت شعري مافعل ابواي ( ڪاش مون کي معلوم هجي ها تہ منهنجي والدين چا ڪيو؟) پوءِ هيءَ آيت پاڪ نازل ٿي: وَلَا تُسْئَلُ عَنْ اَصْحٰبِ الْجَحِيْمِ. ترجمو: جحيم وارن جي باري ۾ توکان پڇاڻو ڪو نہ ٿيندو.

**جواب:** حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليه الرحمة فتح القوي في نسب النبي جي ٽئين باب ۾ انهي اعتراض جو جواب ڏيندي لکيو آهي تہ "علامه شامي پنهنجي سيرت ۾ چيو آهي تہ هن حديث جي سند ضعيف آهي، حجت جي صلاحيت رکندڙ نہ آهي ۽ حافظ جلال الدين سيوطي عليه الرحمة چيو آهي تہ حديث جي معتبر ڪتابن مان ڪنهن بہ ڪتاب ۾ هي حديث ذڪر ٿيل نہ آهي، مگر ڪن تفسيرن ۾ منقطع سند سان ذڪر ٿيل آهي. جنهن سان دليل نٿو وٺي سگهجي. ۽ ان تي ڀروسو بہ نٿو ڪري سگهجي."

**اعتراض**(3) هڪ روايت ۾ آيو آهي تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ارادو فرمايو تہ پنهنجي والده لاءِ استغفار جي دعا گهرن تڏهن هي آيت پاڪ نازل ٿي: مَا كَانَ لِلنَّبِيِّ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْ يَّسْتَغْفِرُوْا لِلْمُشْرِكِيْنَ وَلَوْ كَانُوْٓا اُولِيْ قُرْبٰى مِنْۢ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمْ اَنَّهُمْ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ.

**جواب:** حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي عليه الرحمة فتح القوي في نسب النبي ۾ انهي اعتراض جو جواب ڏيندي لکيو آهي تہ "علامه شامي پنهنجي سيرت ۾ چيو آهي تہ ان حديث جي سند ضعيف آهي حجت جي



صلاحيت نٿي رکي چو تہ ان جي سند ۾ ايوب بن هاني داخل آهي ۽ حافظ ذهبي پنهنجي مختصر ۾ چيو آهي تہ ايوب بن هاني کي يحييٰ بن معين ضعيف چيو آهي. پوءِ ان حديث جو ضعيف هجڻ ثابت ٿيو. حافظ جلال الدين سيوطي رضي الله تعاليٰ عنه چيو آهي تہ هي حديث سند جي ضعيف هجڻ سان گڏ صحاح جي حديثن جي بہ مخالف آهي. چو تہ صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ آيو آهي تہ هي آيت پاڪ ابو طالب جي باري ۾ نازل ٿي. جڏهن حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ آئون ابو طالب جي لاءِ بخشش جي دعا ايستائين گهرندو رهندس جيستائين مون کي ان کان روڪيو نہ ويو."

**اعتراض**(4) ممڪن آهي تہ هيءَ آيت پاڪ بہ ٻيرا نازل ٿي هجي هڪ ڀيرو ابوطالب جي باري ۾ ۽ ٻيو ڀيرو حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي والده جي باري ۾

**جواب** :- حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رضي الله تعاليٰ عنه فتح القوي في نسب النبي جي ٽئين باب ۾ انهي اعتراض جي جواب ۾ لکيو آهي تہ "علامه چلپي پنهنجي سيرت ۾ چيو آهي تہ ناممڪن ۽ باطل آهي، جو هڪ ڀيرو روڪيو وڃي نبي ڪريم ﷺ جن کي ڪافرن لاءِ بخشش جي دعا گهرڻ کان پوءِ، وري ان طرف رجوع فرمائين"

**اعتراض**(5) چون ٿا تہ حضرت امام ابوحنفيه رضي الله تعاليٰ عنه فقه اڪبر ۾ لکيو آهي تہ رسول الله ﷺ جن جي والدين جي وفات ڪفر جي حالت ۾ ٿي- ( نعوذ بالله من ذالک)

**جواب** :- حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي پنهنجي ڪتاب فتح القوي في نسب النبي جي ٽئين باب ۾ انهي اعتراض جي جواب ۾ لکيو آهي تہ "علامه ابن حجر مڪي عليه الرحمة پنهنجي فتاويٰ ۾ چيو آهي تہ محبوب پاڪ ﷺ جن جي والدين جي باري ۾ فقه اڪبر ۾ ابو حنفيه رضي الله تعاليٰ عنه کان جيڪو نقل ڪيل آهي، سو رد ڪيل آهي. هن سبب جي ڪري تہ اهي لفظ فقه اڪبر جي معتبر نسخن ۾ نہ آهن ۽ پڻ هن سبب جي ڪري تہ جنهن نسخي ۾ اهي لفظ موجود آهن. اهو حضرت امام ابو حنيفه نعمان بن ثابت ڪوفي رضي الله تعاليٰ عنه جي تاليف نہ آهي. بلڪ اهو تہ ابوحنيفه محمد بن يوسف بخاري جي تاليف آهي. علامه برزنجيءَ هيءَ عبارت نقل ڪرڻ کان پوءِ چيو آهي تہ علامه ابن حجر جيڪي چيو آهي، سو صحيح آهي.

هي فقه اڪبر حضرت امام ابو حنيفه نعمان بن ثابت ڪوفي رضي الله تعاليٰ عنه جي تاليف نہ آهي. حاصل ڪلام هي آهي تہ ٻنهي ڪتابن جو نالي ۾ مشترڪ هجڻ ۽ ٻنهي مؤلفن جو ڪنيت ۾ مشترڪ هجڻ ئي مونجهاري جو سبب بڻيو آهي، جنهن جي ڪري ڪن ماڻهن گمان ڪيو آهي تہ حضرت امام ابوحنيفه نعمان بن ثابت ڪوفي رضي الله تعاليٰ عنه جي تاليف اها ئي آهي. حضرت مخدوم صاحب عليه الرحمة انهي اعتراض جا ٻيا بہ ڪافي جواب لکيا آهن، جنهن ڪي واقف ٿيڻو هجي، ان کي گهرجي تہ فتح القوي في نسب النبي جو ٽيون باب مطالعو ڪري.

## گستاخن کي سزا ملڻ جا ڪجھ واقعا

**واقعو** (1) حضرت علامه شيخ سليمان الجمل تفسير جلالين جي حاشيه ۾ سورة لهب جي شان نزول جي باري ۾ لکيو آهي تہ "حضرت ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ جڏهن آيت پاڪ: وَاَنْذِرْ عَشِيْرَتَكَ الْاَقْرَبِيْنَ نازل ٿي، تڏهن رسول الله ﷺ جن صفا ٽڪري تي چڙهي پڪارڻ لڳا: يا صباحاه![1] ماڻهن پڇيو تہ ڪير پڪاري رهيو آهي؟ جواب مليو تہ (حضرت) محمد (ﷺ) پوءِ ماڻهو سندن حضور ۾ اچي گڏ ٿيا. تہ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: اي بني فلان! اي بني فلان! اي بني عبد المناف! اي بني عبد المطلب! تڏهن ماڻهو اچي ڪين ويجها ٿيا. تڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو: ارئيتم لو اخبرتكم ان خيلا تخرج بسفح هذا الجبل اكنتم مصدقي. ترجمو "ٻڌايو تہ جيڪڏهن آئون اوهان کي خبر ڏيان تہ هن جبل جي پاسي کان دشمن جو هڪ ٽولو (حملو ڪرڻ لاءِ) اچي رهيو آهي تہ اوهان منهنجي تصديق ڪندا؟ تڏهن چيائون تہ هائو اسين ضرور تصديق ڪنداسون ڇو تہ اسان اوهان کان ڪڏهن بہ ڪوڙ نہ ٻڌو آهي. تڏهن پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو: فَاِنِّيْ نَذِيْرٌ لَّكُمْ بَيْنَ يَدَيْ عَذَابٍ شَدِيْدٍ ترجمو: پوءِ بيشڪ آئون اوهان کي سخت عذاب کان ڊيڄاريان ٿو. تڏهن ابولهب چيو تہ تون تباہ ٿئين (نعوذ بالله من ذالک!) تو اسان کي صرف انهيءَ لاءِ گڏ ڪيو آهي. ان کان پوءِ ابولهب اٿي هليو ويو ۽

---

(1) عربن جو دستور هوندو هو تہ جڏهن اوچتي ڪا آفت وغيره ايندي هئي ۽ ماڻهن کي مدد لاءِ گهرائڻو هوندو هو تہ "يا صباحاه" جي لفظن سان پڪاريندا هئا



سورة لهب نازل ٿي." حضرت علامه پير محمد ڪرم شاهه ازهري عليه الرحمة تفسير ضياء القرآن ۾ سورة لهب جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ "الله تعاليٰ جيڪو ارشاد فرمايو، ان جي پوري ٿيڻ ۾ دير نہ لڳي. ابولهب بزدليءَ جي ڪري بدر واري جنگ ۾ شريڪ نہ ٿيو پر بدر جي عبرتناڪ شڪست کي اڃان صرف هڪ هفتو ئي گذريو هو تہ ان جي جسم تي هڪ زهريلو چالو (العدسه) ظاهر ٿيو. جيڪو ٿورن ڏينهن ۾ ان جي سڄي جسم تي پکڙجي ويو. هر جاءِ تان بدبودار پونءِ وهڻ لڳي. گوشت ڳري ڳري ڪرڻ لڳو. ان جي پٽن جڏهن ڏٺو تہ ان کي هڪ پکڙجندڙ بيماري لڳي ويئي آهي. تڏهن انهن کيس پنهنجي گهر مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ۽ تڙپندي تڙپندي ساهه ڏنائين. اڃان بہ ان جي لاش کي کڻڻ لاءِ ڪو بہ عزيز ان جي ويجهو نہ ويو. ٽن ڏينهن تائين ان جو لاش پيو رهيو. جڏهن ان جي بدبوءِ کان ماڻهو تنگ ٿي پيا ۽ ان جي پٽن کي لعنتون ۽ ملامتون شروع ڪيائون، تڏهن انهن ڪن حبشي غلامن کي ان جي لاش پورڻ تي مقرر ڪيو. انهن هڪ کڏ کوٽي ۽ ڪاٺين سان ان جو لاش ڌڪي کڏ ۾ اڇلائي، مٿان واري ورائي پوري ڇڏيو."

**واقعو** (2) حضرت علامه شيخ احمد المعروف ملا جيوڻ عليه الرحمة التفسيرات الاحمديه ۾ سورة مائده جي آيت پاڪ: وَاِذَا نَادَيْتُمْ اِلَى الصَّلٰوةِ اتَّخَذُوْهَا هُزُوًا وَّلَعِبًا جي تفسير ۾ لکيو آهي. تہ "هڪ روايت ۾ آيو آهي تہ مديني شريف جو هڪ نصراني جڏهن مؤذن کان اشهد ان محمدا رسول الله ٻڌندو هو، تڏهن چوندو هو تہ احرق الله الكاذب (الله تعاليٰ ڪوڙي کي ساڙي) هڪ ڏينهن ان جو نوڪر ٽانڊو کڻي گهر ۾ داخل ٿيو. ان وقت گهر جا سڀ ڀاتي ننڊ ۾ ستل هئا تہ ٽانڊي مان چڻنگون اڏامي گهر کي لڳيون، اهو نصراني ۽ سندس سارو ڪٽنب سڙي ختم ٿي ويو."

**واقعو** (3) سورة النساء جي آيت پاڪ: اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ يَزْعُمُوْنَ اَنَّهُمْ اٰمَنُوْا بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ وَمَآ اُنْزِلَ مِنْ قَبْلِكَ يُرِيْدُوْنَ اَنْ يَّتَحَاكَمُوْٓا اِلَى الطَّاغُوْتِ وَقَدْ اُمِرُوْٓا اَنْ يَّكْفُرُوْا بِهٖ ؕ جي تفسير ۾ حضرت علامه احمد بن محمد صاوي مالڪي عليه الرحمة تفسير جلالين جي حاشيه ۾ لکيو آهي تہ "حضرت ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ هيءَ آيت پاڪ هڪ منافق جي باري ۾ نازل ٿي، جنهن جو نالو بشرهو. ان ۽ هڪ يهودي جي وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو. يهودي چيو تہ فيصلي لاءِ حضرت محمد ﷺ جن وٽ هلون

۽ منافق چيوته کعب بن اشرف وٽ هلون. کعب بن اشرف اهو آهي، جنهن کي الله تعاليٰ طاغوت سڏيو آهي. پوءِ يهودي انڪار ڪندي چيو ته فيصلو رسول الله ﷺ جن وٽ ڪرائيداسون. پوءِ ٻئي ڄڻا رسول الله ﷺ جن وٽ آيا، رسول الله ﷺ جن يهوديءَ جي حق ۾ فيصلو ڏنو. پوءِ جڏهن ٻئي ڄڻا حضرت نبي ڪريم ﷺ جن وٽان ٻاهر نڪتا، تڏهن منافق يهودي کي چنبڙي پيو ۽ چوڻ لڳو ته مون سان گڏجي حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنه وٽ هل ته وري فيصلو ڪرايون. پوءِ ٻئي ڄڻا حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنه وٽ آيا. يهودي چيو ته مون ۽ هن ٻنهي فيصلو حضرت محمد ﷺ جن وٽ آندو. حضور ﷺ جن هن جي خلاف فيصلو ڏنو. هيءُ ان تي راضي نه آهي، اوهان کان فيصلو ڪرائڻ چاهي ٿو. حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنه جن منافق کي فرمايو ته واقعي ائين آهي ڇا؟ منافق چيو ته هائو! حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنه فرمايو ته ترسو! آئون اندران ٿي اچان ٿو. پوءِ پاڻ گهر ڏانهن ويا ۽ تلوار کڻي ٻاهر نڪتا ۽ منافق کي هنيائون ته مري ويو ۽ فرمايائون ته هٰكذا اقضي بين من لم يرض بقضاءِ الله وقضاءِ رسوله. ترجمو: جيڪو الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول ﷺ جن جي فيصلي تي راضي نه ٿيندو آهي، ان جو فيصلو آئون ائين ڪندو آهيان. پوءِ سورة النساء جي اها آيت پاڪ نازل ٿي. ۽ حضرت جبرئيل امين عليه السلام فرمايو ان عمر فرق بين الحق والباطل. ترجمو: "بيشڪ حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه حق ۽ باطل جي وچ ۾ فرق ڪري ڇڏيو." ان وقت کان حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه جو نالو "فاروق" پئجي ويو. منافق ڪعب بن اشرف وٽ فيصلو نيڻ جي دعويٰ انهي ڪري ڪئي هئي، جو هن کي خبر هئي ته ڪعب بن اشرف رشوت وٺندو آهي ۽ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن رشوت نه وٺندا ۽ فيصلو حق جو فرمائيندا ۽ ان معاملي ۾ يهودي حق تي هو."

**واقعو(4):** حضرت شيخ عبد الحق محدث دهلوي عليه الرحمة پنهنجي مشهور ڪتاب "جذب القلوب الىٰ ديار المحبوب" ۾ هڪ عبر تناڪ واقعو لکيو آهي جيڪو سن 557 هجري ۾ پيش آيو هو. واقعو هيءُ آهي ته "سلطان نور الدين زنگي عليه الرحمة کي ٽي راتيون لڳاتار خواب ۾ سرور ڪائنات فخر موجودات عليه الصلواة والسلام جن جي زيارت نصيب ٿي. پاڻ ﷺ جن ٻن شخصن جي طرف اشارو ڪري فرمائي رهيا آهن ته اي نور الدين!



هنن ٻنهي جي شر کي دفع ڪر. سلطان صاحب عليه الرحمة پنهنجي فراست سان سمجهي ويو ته مديني پاڪ ۾ ضرور ڪو حادثو ٿيڻو آهي، جنهن جي ڪري مون کي اهو اشارو مليو آهي، اتي پهچڻ گهرجي. سلطان صاحب عليه الرحمة رات جي پڇاڙي ۾ پنهنجن مقربن مان ويهه ماڻهو گڏ وٺي، تمام گهڻي دولت به گڏ کڻي دمشق کان مديني شريف ڏانهن روانو ٿيو. سورهن ڏينهن کان پوءِ مديني شريف ۾ پهتو. اتي پهچڻ سان خيرات، سخاوت ۽ انعام شروع ڪري ڇڏيائين ته جيئن هر خاص توڙي عام ماڻهو وٽس اچي. سڄي شهر جا ماڻهو وٽس آيا، پر جيڪي ٻه صورتون خواب ۾ ڏيکاريون ويون هيون، اهي ماڻهو نظر نه آيا. سلطان صاحب عليه الرحمة پڇيو ته اڃان به مديني پاڪ جو اهڙو ڪو ماڻهو رهيل آهي، جنهن منهنجي خيرات ۽ انعام مان حصو نه ورتو هجي. ماڻهن ٻڌايو ته ٻيا ته سڀ ماڻهو اچي ويا آهن. پر صرف ٻه مغربي شخص، جيڪي نهايت عابد زاهد ۽ نيڪ آهن. اڃان هتي نه پهتا آهن. سلطان صاحب عليه الرحمة حڪم فرمايو ته انهن ٻنهي کي گهرايو وڃي. ٿوري دير کان پوءِ انهن ٻنهي کي سلطان جي سامهون آندو ويو. سلطان صاحب عليه الرحمة انهن کي ڏسندي ئي سڃاڻي ورتو ۽ پڇيائين ته اوهان ڪٿي ٿا رهو؟ انهن چيو ته حجري شريف جي ويجهو هڪ جاءِ ۾ رهون ٿا. سلطان صاحب انهيءَ جاءِ ڏانهن آيو. چڱي طرح تلاش ڪيائين ته طاق تي قرآن پاڪ رکيل ڏٺائين ۽ ٻيا ڪي نصيحت جاڪتاب ڏٺائين ۽ ڪجهه اناج جيڪو غريبن، فقيرن ۽ محتاجن ۾ ورهائڻ لاءِ هو. اهو هڪ ڪنڊ ۾ رکيل ڏٺائين ۽ هڪ ٽونري رکيل ڏٺائين. مطلب ته ظاهرًا ڪابه اعتراض جهڙي شيءِ نظر نه آئي. پوءِ سلطان صاحب عليه الرحمة اها ٽونري مٿي ڪنئي ته ان جي هيٺيان هڪ سرنگهه ڏٺائين، جنهن جو رخ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي حجري (روضي) شريف ڏانهن هو ۽ هڪڙي پاسي وري کڏ کوٽيل ڏٺائين. جيڪا ان سرنگهه مان نڪرندڙ مٽيءَ کي رکڻ لاءِ کوٽي وئي هئي ۽ ٻي روايت ۾ آيو آهي ته چمڙي جون ٻه ٻوريون رکيل هيون. جيڪي رات جو مٽيءَ سان ڀري بقيع شريف ۽ ان جي آس پاس هاريندا هئا. سلطان صاحب عليه الرحمة انهن کان حقيقت پڇي. پهرين ته انهن سچي ڳالهه نه ٻڌائي، پر گهڻي سزا کان پوءِ حقيقت ظاهر ڪيائون ته اسين ٻئي نصراني آهيون ۽ اسان کي نصارن تمام گهڻي رقم ڏيئي، مغربي حاجين جي لباس ۾ هتي ان

لاءِ موڪليو آهي تہ اوهان جي نبي ﷺ جو جسم اطهر قبر شريف مان ٻاهر ڪڍي، ان جي گستاخي ڪريون. ( نعوذ بالله من ذالک) اسان جڏهن انهيءَ سرنگهہ کي حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي قبر شريف کي بلڪل قريب پهچايو، تڏهن آسمان تي ڪڪر ظاهر ٿيا. تمام گهڻو مينهن وسيو. جنهن ۾ گوڙيون ۽ تڪاءَ هئا ۽ زلزلو بہ آيو. ان ڪان پوءِ اوهان بہ جلد اچي ويا. اهي ڳالهيون ٻڌڻ سان سلطان صاحب عليه الرحمة جي حالت ئي تبديل ٿي وئي، تمام گهڻو رنو ۽ انهن ٻنهي ملعونن کي حجري شريف جي پر ۾ تلوار سان قتل ڪري، ٻنهي جا لاش شام جو ٻاهر ۾ ساڙائي ڇڏيائين. ان ڪان پوءِ سلطان صاحب عليه الرحمة جي حڪم سان روضي شريف جي چوڌاري هڪ اونهي کاهي کوٽي وئي، جنهن کي پگهريل شيهي سان ڀريو ويو تہ جيئن آئيندي لاءِ ڪنهن بہ گستاخ کي اهڙي گستاخي ڪرڻ جو موقعو نہ ملي سگهي."

وآ خر دعوانا ان الحمد لله رب العالمين والصلوٰة والسلام عليٰ رسوله الڪريم الامين وعليٰ آله واصحابه اجمعين.



# باب پنجون

# توسّل جي بيان ۾

بسم الله الرحمٰن الرحيم

نحمده ونصلي ونسلم عليٰ رسوله الڪريم اما بعد! فقال الله تعاليٰ في القرآن الڪريم. وَابْتَغُوٓا اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ

صدق الله العلي العظيم

ترجمو: "۽ ڳوليو ان جي طرف وسيلو."

## وسيلي جي معنيٰ:

علامه فخر الدين رازي عليه الرحمة تفسير ڪبير ۾ مذڪوره آيت پاڪ جي تفسير ۾ لکيو آهي. فالوسيلة هي التي يتوسل بها الي المقصود. ترجمو: "وسيلو اهو آهي، جنهن سان مقصود تائين پهچي سگهجي."

## وسيلي جا قسم:

وسيلي جا ٻہ قسم آهن: هڪ نيڪ عملن جو وسيلو، ٻيو صالح ٻانهن جو وسيلو، ٻئي جائز آهن. جيئن علامه عبد الحي لکنوي عليه الرحمة شرح وقاية جي حاشية عمدة الرعايه جي ديباچي ۾لکيو آهي : ودلت الاحاديث عليٰ جواز التوسل بالاعمال الصالحة والذوات الفاضلة. ترجمو: نيڪ عملن ۽ صالح ٻانهن جي وسيلي جي جواز تي حديثون دلالت ڪن ٿيون.

## وسيلي جي ٻئي قسم جي وضاحت:

وسيلي جي ٻئي قسم جي باري ۾ هن وقت ڪي گمراهہ فرقا تمام گهڻو شور مچائي رهيا آهن. ايتري قدر جو جيڪي انهي جي جواز جا قائل آهن. انهن کي گمراهہ ۽ مشرڪ سڏيو وڃي ٿو. انهي ڪري انهي جي جواز بابت ڪن معتبر ڪتابن جا حوالا پيش ڪجن ٿا.

علامه تقي الدين ابو الحسن علي سبڪي عليه الرحمة پنهنجي ڪتاب شفاء السقام في زيارة خير الانام جي اٺين باب ۾ لکيو آهي: "ان التوسل بالنبي ﷺ جائز في ڪل حال قبل خلقه وبعد خلقه في مدة حياته في الدنيا وبعد موته في مدة البرزخ وبعد البعث في عرصات القيامة والجنة. ترجمو : بيشڪ حضرت نبي ﷺ جن جو وسيلو وٺڻ هر حال ۾ جائز آهي. يعني سندن (جسماني) پيدائش ڪان

اڳ ۾ ۽ سندن دنياوي حياتي واري دور ۾ ۽ سندن (ظاهري) رحلت کان پوءِ عالم برزخ واري دور ۾ ۽ (قيرن مان) اٿڻ کان پوءِ قيامت ۾ ۽ بهشت ۾."

علامه شيخ عبد الحق محدث دهلوي عليه الرحمة پنهنجي مشهور ڪتاب جذب القلوب الى ديار المحبوب ۾ مٿي ذڪر ڪيل عبارت جو مفهوم فارسي عبارت ۾ آندو آهي ۽ علامه شيخ محمد عابد سنڌي انصاري عليه الرحمة بہ ساڳيو مفهوم لفظن جي ڪجھ تبديلي سان پنهنجي رسالي التوسل و احڪامه وانواعه ۾ آندو آهي. هاڻي ذڪر ٿيل حالتن مان هر هڪ حالت جو مختصر بيان هيٺ لکجي ٿو.

## پهرين حالت جو مختصر بيان:

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي ولادت با سعادت کان پهرين سندس ذات پاڪ جي وسيلي جي جواز ۾ حضرت علامه تقي الدين سبڪي عليه الرحمة پنهنجي ڪتاب "شفاء السقام في زيارة خير الانام" جي اٺين باب ۾ هيءُ حديث پاڪ آندي آهي تہ حضرت عمر بن خطاب رضي الله تعالىٰ عنہ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن حضرت آدم عليه الصلوٰة والسلام کان لغزش ٿي ويئي تہ عرض ڪيائين اي منهنجا رب! آئون تو کي حضرت محمد ﷺ جن جي وسيلي سان سوال ڪريان ٿو تہ تون مون کي معاف فرماءِ. تڏهن الله تعالىٰ فرمايو: اي آدم (عليه الصلوٰة والسلام) تو (حضرت) محمد (ﷺ) کي ڪيئن سڃاتو مون تہ اڃان ڪيس (جسماني صورت ۾) پيدا ئي نہ ڪيو آهي. عرض ڪيائين تہ اي منهنجا رب! توجڏهن مون کي پنهنجي قدرت سان پيدا فرمايو، تو مون ۾ روح ڦوڪيو، تڏهن مون پنهنجو مٿو مٿي کنيو تہ عرش جي ٿنڀن تي "لا الٰه الا الله محمد رسول الله" لکيل ڏٺم. پوءِ معلوم ڪري ورتم تہ تو پنهنجي نالي سان صرف انهي جو ئي نالو ملايو آهي، جيڪو توکي سڀني مخلوق کان وڌيڪ محبوب آهي. پوءِ الله تعالىٰ فرمايو: صدقت يا آدم! انه لاحب الخلق الىّ اذ سئلتني بحقه فقد غفرت لک ولولا محمد ما خلقتک. ترجمو: اي آدم (عليه الصلوٰة والسلام) تون سچ ٿو چوين. بيشڪ اهو مون کي ساري مخلوق کان وڌيڪ محبوب آهي. جڏهن تو ان جي وسيلي سان سوال ڪيو آهي تہ مون توکي معاف ڪري ڇڏيو ۽ جيڪڏهن حضرت محمد ﷺ نہ هجي ها تہ توکي بہ پيدا نہ ڪريان ها. حاڪم چيو آهي تہ هيءُ حديث سند جي اعتبار سان صحيح آهي." علامه شيخ محمد عابد سنڌي انصاري عليه الرحمة پنهنجي رسالي "التوسل واحڪامه وانواعه" ۾ اها حديث پاڪ آندي آهي ۽ علامه جلال الدين



سيوطي عليه الرحمة پنهنجي مشهور ڪتاب "الخصائص الڪبرىٰ" ۾ لفظن جي ٿوري تبديليءَ سان اها حديث پاڪ آندي آهي. حضرت علامه سيد محمد نعيم الدين مراد آبادي عليه الرحمة "ڪنز الايمان" جي حاشيه "خزائن العرفان" ۾ سورت البقره جي آيت پاڪ فَتَلَقّٰى اٰدَمُ مِنْ رَّبِّهٖ كَلِمٰتٍ فَتَابَ عَلَيْهِ جي تفسير ۾لکيو آهي تہ "ابن منذر جي روايت ۾ آهي تہ حضرت آدم عليه الصلوٰة والسلام هيءَ دعا گهري تہ الله تعالىٰ سندن بخشش فرمائي: اللهم اني اسئلک بجاه محمد عبدک وڪرامته عليک ان تغفرلي خطيئتي. ترجمو: يا الله! آئون توکان تنهنجي خاص ٻانهي حضرت محمد ﷺ جي مرتبي جي طفيلي ۽ جيڪا ان جي تو وٽ عزت آهي، ان جي طفيلي سوال ڪريان ٿو تہ مون کي بخش فرماءِ."

الله تعالىٰ جل جلاله سورت البقره ۾ فرمايو آهي: وَكَانُوْا مِنْ قَبْلُ يَسْتَفْتِحُوْنَ عَلَى الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ترجمو: ۽ (يهودي) رسول الله ﷺ جن جي اچڻ کان اڳ ۾ (رسول الله ﷺ جن جي وسيلي سان) ڪافرن تي فتح (جي دعا) گهرندا هئا. هن آيت پاڪ جي تفسير ۾ حضرت علامه قاضي محمد ثناءُ الله پاني پتي عليه الرحمة تفسير مظهري شريف ۾ لکيو آهي: "ويقولون اللهم انصرنا عليهم بالنبي المبعوث في آخر الزمان الذي نجد صفته في التورٰة وڪانوا ينصرون. ترجمو: يهودي (دعا ۾) چوندا هئا تہ يا الله! اسان کي مشرڪن جي مٿان ڪاميابي عطا فرماءِ. ان نبيءَ جي صدقي، جيڪو آخر الزمان ۾ موڪليو ويندو، جنهن جي صفت اسين تورات ۾ (لکيل) ڏسون ٿا ۽ يهودي ڪامياب ٿيندا هئا.

## ٻي حالت جو مختصر بيان

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جو وسيلو وٺڻ، سندن ظاهري حياتيءَ ۾ جائز آهي، جنهن جي ثبوت لاءِ هيءَ روايت ڪافي آهي، جيڪا حضرت علامه ابو عبد الله محمد بن يزيد ابن ماجه قزويني "سنن ابن ماجة" شريف جي "باب صلوٰة الحاجة" ۾ آندي آهي تہ حضرت عثمان بن حنيف رضي الله تعالىٰ عنہ کان روايت آهي تہ هڪ نابين شخص حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي حضور ۾ آيو ۽ عرض ڪيائين تہ الله تعالىٰ کان دعا گهرو تہ مون کي عافيت بخشي (يعني اکين جي روشنائي عطا فرمائي.) حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو تہ ان شئت اخرت لک وهو خير وان شئت دعوت. ترجمو: "جيڪڏهن تون چاهين تہ تنهنجي لاءِ دعا کي مؤخر ڪريان، اهو تنهنجي لاءِ بهتر آهي ۽ جيڪڏهن چاهين تہ تنهنجي لاءِ دعا گهران." انهيءَ عرض ڪيو تہ الله

[illegible]

[illegible]

[illegible]

تعاليٰ کان دعا گهرو تڏهن حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن حڪم فرمايو ته سٺي نموني وضو ڪري، ٻه رڪعتون نماز پڙهي، هيءُ دعا گهر: اللهم اني اسئلک و اتوجه اليک بمحمد نبي الرحمة يا محمد! اني قد توجهت بک اليٰ ربي في حاجتي هٰذه لتقضيٰ اللهم فشفعه فيّ. ترجمو: يا الله! آئون سوال ڪريان ٿو توکان ۽ متوجه ٿيان ٿو تنهنجي طرف رحمت واري نبي حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي وسيلي سان. يا رسول الله صلي الله عليه وسلم! تحقيق آئون متوجه ٿيو آهيان، تنهنجي وسيلي سان، پنهنجي رب جي طرف پنهنجي هن حاجت جي باري ۾ ته اها پوري ٿئي. يا الله! رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي، منهنجي حق ۾ شفاعت قبول فرماءِ. ابواسحاق چيو آهي ته هيءُ حديث صحيح آهي. حضرت علامه ابوعيسيٰ محمد بن عيسيٰ ترمذي عليه الرحمة جامع ترمذيءَ ۾ هيءُ حديث پاڪ آندي آهي، پر اتي ٻه رڪعتون نماز پڙهڻ جو ذڪر نه آهي. شيخ ولي الدين عراقي عليه الرحمة مشڪوٰة المصابيح ۾ جامع ترمذيءَ واري روايت آندي آهي. علامه تقي الدين سبڪي عليه الرحمة ترمذي شريف واري روايت پنهنجي ڪتاب"شفاءُ السقام في زيارة خير الانام" جي اٺين باب ۾ آندي آهي. اها حديث علامه شيخ محمد عابد سنڌي انصاري عليه الرحمة پنهنجي رسالي "التوسل احكامه و انواعه" ۾ آندي آهي. علامه جلال الدين سيوطي عليه الرحمة مختلف حوالن سان اها روايت "الخصائص الڪبريٰ" جي ٻئي جلد ۾ آندي آهي، جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ هي لفظ وڌيڪ آهن: ففعل الرجل فقام وقد ابصر. ترجمو: "پوءِ اهو شخص محبوب ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي ٻڌايل طريقي مطابق دعا گهري اٿيو ته سندس اکيون روشن هيون" مولوي اشرف علي ٿانوي ديوبندي ابن ماجه واري روايت پنهنجي ڪتاب "نشر الطيب في ذڪر النبي الحبيب" جي اٺيهين فصل ۾ آندي آهي. پوءِ لکي ٿو ته ان مان توسل صراحةً ثابت ٿيو. جڏهن ته حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي ان جي حق ۾ دعا گهرڻ ڪٿي منقول نه آهي. ان مان ثابت ٿيو ته جيئن ڪنهن جي دعا جو وسيلو جائز آهي، اهڙي ئي دعا ۾ ڪنهن شخص جي ذات جو وسيلو به جائز آهي. حضرت شيخ عبد الحق محدث دهلوي پنهنجي ڪتاب "مدارج النبوة" ۽ "جذب القلوب" ۾ حضرت انس بن مالڪ رضي الله تعاليٰ عنه کان هڪ روايت آندي آهي، جنهن ۾ حضرت فاطمه بنت اسد رضي الله تعاليٰ عنها جي حق ۾ حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي گهريل دعا منقول آهي، جنهن جا آخري لفظ هي آهن: اغفر لامي



فاطمة بنت اسد ووسع عليها مدخلها بحق نبيک والانبياءِ قبلي فانک ارحم الراحمين. ترجمو: "يا الله! منهنجي ماءُ فاطمه بنت اسد کي بخش فرماءِ ۽ ان جي قبر ڪشادي ڪر تنهنجي (هن) نبي (ﷺ) جي طفيلي ۽ مون کان اڳين نبين سڳورن جي طفيلي. بيشڪ تون سڀني کان وڌيڪ رحم ڪندڙ آهين. علامه محمد عابد انصاري عليه الرحمة پنهنجي ڪتاب "التوسل واحكامه وانواعه" ۾ اها روايت لفظن جي ٿوريءَ تبديليءَ سان آندي آهي. حضرت شيخ عبد الحق محدث دهلوي عليه الرحمة پنهنجي ڪتاب "جذب القلوب اليٰ ديار المحبوب" ۾ استغاثه ۽ توسل جي باري ۾ هڪ فصل لکيو آهي، جنهن ۾ ان حديث پاڪ ڏانهن اشارو ڪندي لکي ٿو ته هن حديث پاڪ ۾ ٻنهي حالتن ۾ توسل جي جواز جو ثبوت آهي. ڇو ته حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي طرف نسبت حالت حيات ۾ آهي ۽ ٻين نبين سڳورن عليهم السلام جي طرف نسبت (ظاهري) رحلت کان پوءِ آهي. جڏهن ٻين نبين سڳورن عليهم السلام جو وسيلو (ظاهري) رحلت کان پوءِ جائز آهي ته نبين جي سردار ﷺ جو وسيلو بطريق اوليٰ جائز آهي، بلڪ جيڪڏهن هن حديث پاڪ جي آڌار تي وفات کان پوءِ الله تعاليٰ جي ولين سڳورن جي وسيلي کي (نبين سڳورن جي وسيلي تي) قياس ڪجي ته به پري نه آهي.

## ٽين حالت جو مختصر بيان

حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي وصال کان پوءِ سندن ذات پاڪ جو وسيلو وٺڻ جائز آهي، جنهن جو ثبوت هيٺ لکجي ٿو: حضرت علامه جلال الدين سيوطي رحمة الله عليه"الخصائص الڪبريٰ" جي ٻئي جلد ۾ لکيو آهي ته حضرت ابوامامه بن سهل بن حنيف رضي الله تعاليٰ عنه کان راويت آهي ته هڪ شخص حضرت عثمان بن عفان رضي الله تعاليٰ عنه وٽ ڪنهن ضروري ڪم لاءِ بار بار ايندو رهيو. پر حضرت عثمان رضي الله تعاليٰ عنه نه ان ڏانهن ڌيان ڏيندو هو ۽ نه ان جي ڪم ڏانهن ڌيان ڏيندو هو. پوءِ اهو شخص حضرت عثمان بن حنيف رضي الله تعاليٰ عنه سان مليو ۽ اها شڪايت ڪيائين. تڏهن حضرت عثمان بن حنيف رضي الله تعاليٰ عنه کيس چيو ته وضوخاني تي وضو ڪري، پوءِ مسجد شريف ۾ وڃي، ٻه رڪعتون نماز پڙهي، هيءُ دعا گهر: اللهم اني اسئلک واتوجه اليک بنبيک محمد ﷺ نبي الرحمة يا محمد! اني اتوجه بک اليٰ ربي فيقضي لي حاجتي." ترجمو: "يا الله! آئون سوال ڪريان ٿو توکي ۽ متوجه ٿيان ٿو، تنهنجي طرف تنهنجي رحمت واري نبي حضرت محمد

مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي وسيلي سان. يا رسول الله ﷺ بيشڪ آئون متوجه ٿيان ٿو، تنهنجي وسيلي سان پنهنجي رب جي طرف ته منهنجي حاجت پوري ڪري ۽ پوءِ تون پنهنجي حاجت جو ذڪر ڪر. ان ڪان پوءِ حضرت عثمان بن عفان رضي الله تعاليٰ عنه وٽ وڃ، آئون اچان ٿو. پوءِ اهو شخص ٻڌايل طريقي تي عمل ڪري روانو ٿيو. جڏهن حضرت عثمان بن عفان رضي الله تعاليٰ عنه جي دروازي تي آيو ته دربان آيو، جيڪو کيس هٿ مان جهلي حضرت عثمان بن عفان رضي الله تعاليٰ عنه وٽ وٺي آيو. حضرت عثمان بن عفان رضي الله تعاليٰ عنه کيس پاڻ سان گڏ غاليچي تي ويهاريو ۽ فرمايائين ته تنهنجو ڪو ڪم هجي ته ٻڌاءِ (ان پنهنجي حاجت ٻڌائي. حضرت عثمان بن عفان رضي الله تعاليٰ عنه اها پوري ڪئي). ان ڪان پوءِ اهو شخص اتان نڪري، حضرت عثمان بن حنيف رضي الله تعاليٰ عنه سان اچي مليو ۽ چيائين ته شال الله تعاليٰ توکي ڀلائيءَ جو بدلو ڏي. حضرت عثمان بن عفان رضي الله تعاليٰ عنه مون ڏانهن ۽ منهنجي ڪم ڏانهن ڪو ڌيان ئي نه ڏيندو هو، ايستائين جو تو ان سان منهنجي باري ۾ ڳالهايو. حضرت عثمان بن حنيف رضي الله تعاليٰ عنه فرمايو ته مون تنهنجي باري ۾ ڪونه ڳالهايو آهي، پر مون حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کي ڏٺو، وٽن هڪ نابين شخص آيو، جنهن پنهنجي نابينائيءَ جي شڪايت ڪئي. تڏهن ان کي حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته تون يا ته صبر ڪر. انهيءَ عرض ڪيو ته اي الله جا رسول! مون کي ڪوبه وٺي هلڻ وارو نه آهي. مون کي نابينائي جي ڪري وڏي تڪليف آهي. تڏهن حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته وضوخاني تي وڃي وضو ڪري ٻه رڪعتون نماز پڙهي، هيءُ دعا گهر: اللهم اني اتوجه اليک بنبيک محمد ﷺ نبي الرحمة يا محمد! اني اتوجه بک الیٰ ربي فيجلي لي عن بصري اللهم شفعه في وشفعني في نفسي" ترجمو: "يا الله! بيشڪ آئون سوال ڪريان ٿو توکان ۽ متوجه ٿيان ٿو تنهنجي طرف تنهنجي رحمت واري نبي حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن جي وسيلي سان. يا رسول الله ﷺ بيشڪ آئون متوجه ٿيان ٿو، تنهنجي وسيلي سان پنهنجي رب جي طرف ته منهنجي اکين جا پردا کولي. يا الله ! منهنجي حق ۾ ان جي شفاعت قبول فرماءِ ۽ منهنجي حق ۾ منهنجي دعا قبول فرماءِ." حضرت عثمان بن حنيف رضي الله تعاليٰ عنه فرمايو



ته اسين ان مجلس مان اڃان اٿياڻي نه هئاسون ته اهو شخص اسان وٽ آيو جهڙوڪر ان جي اکين ۾ ڪا تڪليف ئي ڪانه. هن روايت مان ثابت ٿيو ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي وصال کان پوءِ سندن ذات جو وسيلو وٺڻ جائز آهي. ۽ اهو به ثابت ٿيو ته رسول الله ﷺ جن کي غائبا نه يا جي لفظ سان پڪارڻ جائز آهي.هيءَ روايت علامه سبڪي عليه الرحمة پنهنجي ڪتاب شفاء السقام في زيارة خير الانام جي اٺين باب ۾ آندي آهي. ۽ علامه عبد الغني مجددي دهلوي عليه الرحمة مختلف حوالن سان سنن ابن ماجه جي حاشيہ انجاح الحاجه ۾ آندي آهي. مولوي اشرف علي ٿانوي ديوبندي پنهنجي ڪتاب نشرالطيب في ذڪر النبي الحبيب ۾ انهي جي متعلق لکيو آهي ته "ان مان توسل بعد الوفات به ثابت ٿيو."

## چوٿين حالت جو مختصر بيان

قيامت جي ميدان ۾حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي وسيلي جي باري ۾ علامه سبڪي عليه الرحمة پنهنجي ڪتاب شفاء السقام في زيارة خير الانام جي اٺين باب ۾ لکيو آهي ته وبعد موته صلي الله عليه وسلم في عرصات القيٰمة بالشفاعت منه ﷺ ذالک مما قام الاجماع عليه. ترجمو: رسول الله ﷺ جن جي رحلت کان پوءِ قيامت جي ميدان ۾ سندن ذات پاڪ جو وسيلو سندن شفاعت آهي جنهن تي اجماع آهي.

الله تعاليٰ سورت بني اسرائيل ۾ فرمايوآهي: عَسٰٓي اَنْ يَّبْعَثَكَ رَبُّكَ مَقَامًا مَّحْمُوْدًا. ترجمو: قريب آهي جو تو کي تنهنجو رب اهڙي جاءِ تي ويهاري جتي سمورا تنهنجي تعريف ڪن (ڪنز الايمان سنڌي) هن آيت پاڪ جي تفسير ۾ علامه قاضي محمد ثناءُ الله پاني پتي عليه الرحمة تفسير مظهري شريف ۾ لکيو آهي: "والصحيح ان المقام المحمود مقام الشفاعة. ترجمو: صحيح قول هيءُ آهي ته مقام محمود مان مراد شفاعت جو مقام آهي." علامه موصوف عليه الرحمة ٿورو اڳتي مقام محمود جي باري ۾ حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جو ارشاد مبارڪ لکي ٿو: قال هوالمقام الذي اشفع فيه لامتي. ترجمو: رسول الله ﷺ جن فرمايو ته مقام محمود اهو مقام آهي، جتي آئون منهنجي امت جي شفاعت ڪندس." علامه موصوف عليه الرحمة ساڳي آيت پاڪ جي تفسير ۾ لکيو آهي وقد ورد في الشفاعة احاديث ڪثيرة بلغت حد التواتر بالمعنيٰ. ترجمو:

شفاعت جي باري ۾ تمام گهڻيون حديثون آيون آهن. جيڪي معنيٰ جي اعتبار سان تواتر جي حد کي پهتل آهن.

حضرت علامه شيخ ولي الدين ابو عبد الله محمد بن عبدالله الخطيب عليه الرحمة پنهنجي مشهور ڪتاب مشڪوٰة المصابيح جي باب الحوض والشفاعة ۾ حديث پاڪ آندي آهي ته حضرت انس رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو: شفاعتي لاهل الكبائر من امتي. ترجمو: منهنجي شفاعت منهنجي امت جي وڏن گنهگارن لاءِ آهي. ترمذي ۽ ابو دائود اها حديث حضرت انس رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت ڪئي آهي ۽ ابن ماجه حضرت جابر رضي الله تعاليٰ عنه کان. حضرت علامه موصوف عليه الرحمة ساڳئي باب ۾ حديث پاڪ آندي آهي ته "حضرت انس کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو، ماڻهو هڪ ٻئي ۾ گڏيل هوندا، پوءِ حضرت آدم عليه الصلوٰة والسلام وٽ ايندا ۽ عرض ڪندا ته اسان جي لاءِ پنهنجي رب جي حضور ۾ شفاعت ڪر. حضرت آدم عليه الصلوٰة والسلام فرمائيندو ته اهو منصب منهنجو نه آهي. اوهان حضرت ابراهيم عليه الصلوٰة و السلام وٽ وڃو، اهو الله تعاليٰ جو خليل آهي. پوءِ ماڻهو حضرت ابراهيم عليه الصلوٰة والسلام وٽ اچي شفاعت لاءِ عرض ڪندا ته اهو به ساڳيو جواب ڏيئي فرمائيندو ته اوهان حضرت موسيٰ عليه الصلوٰة والسلام وٽ وڃو، اهو ڪليم الله آهي. پوءِ ماڻهو حضرت موسيٰ عليه الصلوٰة والسلام وٽ اچي شفاعت لاءِ عرض ڪندا ته اهو به ساڳيو جواب ڏيئي فرمائيندو ته اوهان حضرت عيسيٰ عليه الصلوٰة والسلام وٽ وڃو، اهو روح الله ۽ ڪلمة الله آهي. پوءِ ماڻهو حضرت عيسيٰ عليه الصلوٰة والسلام وٽ اچي شفاعت لاءِ عرض ڪندا ته اهو به ساڳيو جواب ڏيئي فرمائيندو ته اوهان (آخري نبي) حضرت محمد ڪريم ﷺ جن وٽ وڃو (اهو اوهان جي شفاعت ڪندو.) پوءِ ماڻهو مون وٽ ايندا. آئون چوندس ته اهو منصب منهنجو آهي. پوءِ رب پاڪ جي حضور ۾ پيش ٿيڻ جي اجازت گهرندس. مون کي اجازت ملندي ۽ الله تعاليٰ منهنجي دل ۾ حمد جا ڪي خاص الفاظ القاء فرمائيندو. جن سان آئون الله تعاليٰ جي ساراهه ڪندس. اهي خاص الفاظ هينئر مون وٽ نه آهن. آئون انهن خاص لفظن سان الله جي ساراهه ڪندس ۽ رب پاڪ جي حضور ۾ سجدو ڪندس. پوءِ (مون کي) چيو ويندو ته اي محمد (ﷺ) پنهنجو مٿو (مبارڪ) مٿي ڪڻ ۽ جيڪو عرض ڪرڻو ائئي، سو عرض ڪر، تنهنجو عرض ٻڌو ويندو. جيڪي گهرڻو ائئي سو گهر، توکي ڏنو ويندو ۽ شفاعت ڪر تنهنجي شفاعت قبول ڪئي ويندي. پوءِ آئون عرض ڪندس ته اي منهنجا رب! منهنجي امت کي بخش ڪر، منهنجي امت کي بخش ڪر (يا منهنجي امت جي شفاعت ڪريان ٿو، منهنجي امت جي شفاعت ڪريان ٿو.) پوءِ (مون کي) چيو ويندو ته جنهن جي دل ۾ جَوَ برابر ايمان آهي، وڃي ان کي (دوزخ

مان) ٻاهر ڪڍ. پوءِ آئون ائين ڪندس. ان کان پوءِ وري آئون انهن خاص لفظن سان الله تعاليٰ جي ساراهه ڪندس ۽ رب پاڪ جي حضور ۾ سجدو ڪندس. پوءِ (مون کي) چيو ويندو ته اي محمد (ﷺ) پنهنجو مٿو (مبارڪ) سجدي مان مٿي ڪڻ، جيڪو عرض ڪرڻو ائئي، سو عرض ڪر، تنهنجو عرض ٻڌو ويندو ۽ جيڪي گهرڻو ائئي، سو گهر توکي ڏنو ويندو ۽ شفاعت ڪر، تنهنجي شفاعت قبول ڪئي ويندي. پوءِ آئون عرض ڪندس ته اي منهنجا رب! منهنجي امت کي بخش ڪر، منهنجي امت کي بخش ڪر (يا منهنجي امت جي شفاعت ڪريان ٿو، منهنجي امت جي شفاعت ڪريان ٿو) پوءِ (مون کي) چيو ويندو ته جنهن جي دل ۾ ذري برابر يا سرنهن جي داڻي برابر ايمان آهي، ان کي وڃي (دوزخ مان) ٻاهر ڪڍ. ان کان پوءِ وري آئون انهن خاص لفظن سان الله تعاليٰ جي ساراهه ڪندس ۽ رب پاڪ جي حضور ۾ سجدو ڪندس. پوءِ مون کي چيو ويندو ته اي محمد (ﷺ!) پنهنجو مٿو (مبارڪ) مٿي ڪڻ ۽ جيڪو عرض ڪرڻو ائئي، سو عرض ڪر، تنهنجو عرض ٻڌو ويندو. جيڪي گهرڻو ائئي، سو گهر توکي ڏنو ويندو ۽ شفاعت ڪر تنهنجي شفاعت قبول ڪئي ويندي. پوءِ آئون عرض ڪندس ته اي منهنجا رب! منهنجي امت کي بخش ڪر، منهنجي امت کي بخش ڪر. (يا منهنجي امت جي شفاعت ڪريان ٿو، منهنجي امت جي شفاعت ڪريان ٿو) پوءِ مون کي چيو ويندو ته جنهن جي دل ۾ ننڍي ۾ ننڍي سرنهن جي داڻي برابر ايمان آهي، ان کي وڃي (دوزخ مان) ٻاهر ڪڍ. پوءِ آئون وڃي ائين ڪندس . پوءِ چوٿين ڀيري وري به آئون انهن خاص لفظن سان الله تعاليٰ جي ساراهه ڪندس ۽ رب پاڪ جي حضور ۾ سجدو ڪندس. پوءِ (مون کي) چيو ويندو ته اي محمد (ﷺ) پنهنجو مٿو مبارڪ سجدي مان مٿي ڪڻ، جيڪو عرض ڪرڻو ائئي سو عرض ڪر، تنهنجو عرض ٻڌو ويندو ۽ جيڪي گهرڻو ائئي سو گهر توکي ڏنو ويندو ۽ شفاعت ڪر تنهنجي شفاعت قبول ڪئي ويندي. پوءِ آئون عرض ڪندس ته اي منهنجا رب ! مون کي هران شخص جي شفاعت ڪرڻ جي اجازت ڏي، جنهن ڪلمو پاڪ پڙهيو آهي. ( ڪلمي کان سوا ان جي اعمالنامي ۾ ڪابه عملي نيڪي نه آهي.) الله تعاليٰ فرمائيندو، ته ان جي شفاعت ڪرڻ تنهنجو ڪم نه آهي، پر مون کي منهنجي عزت، منهنجي بزرگيءَ، منهنجي وڏائيءَ ۽ منهنجي عظمت جو قسم آهي ته جنهن به ڪلمو پاڪ پڙهيو آهي، ان کي ضرور آئون (دوزخ مان) ٻاهر ڪيندس (متفق عليه)

## صحابن ۽ ولين جو وسيلو

انبياء ڪرام عليهم الصلوٰت والتسليمات جو وسيلو وٺڻ جائز آهي. جنهن جو بيان گذري چڪو. صحابن ۽ ولين جو وسيلو وٺڻ به جائز آهي، جنهن جو بيان هيٺ ڏجي ٿو. شيخ الاسلام حضرت امام محمد بن اسماعيل بخاري عليه الرحمة صحيح البخاري جي باب الاستسقاء ۾ لکيو آهي ته

حضرت انس بن مالک رضي الله تعاليٰ عنہ کان روايت آهي تہ جڏهن ڏڪار ايندو هو، تڏهن حضرت عمر بن خطاب رضي الله تعاليٰ عنہ، حضرت عباس بن عبد المطلب رضي الله تعاليٰ عنہ جي وسيلي سان مينهن لاءِ دعا گهرندو هو. (دعا ۾) چوندو هو: اللهم انا کنا نتوسل اليک بنبينا ﷺ فتسقينا وانا نتوسل اليک بعم نبينا فاسقنا. ترجمو: يا الله! بيشڪ اسين تنهنجي حضور ۾ اسان جي نبيﷺ جو وسيلو وٺي دعا گهرندا هئاسون. پوءِ تون اسان تي بارش وسائيندو هئين ۽ هاڻي اسين اسان جي نبي ﷺ جن جي چاچي (حضرت عباس رضي الله تعاليٰ عنہ) جو وسيلو وٺون ٿا. تون اسان تي بارش وساءِ. راوي فرمائي ٿو تہ پوءِ بارش وسي پوندي هئي."

هن حديث جي پاڪ جي شرح ۾ علامه بدرالدين عيني عليه الرحمة عمدة القاري شرح صحيح البخاري ۾ لکيو آهي تہ "ڪعب احبار رضي الله تعاليٰ عنہ کان روايت آهي تہ بني اسرائيل ۾ جڏهن ڏڪار ايندو هو تہ سندن نبيءَ جي اهلبيت جي وسيلي سان بارش لاءِ دعا گهرندا هئا.

حضرت شيخ ولي الدين ابو عبد الله محمد بن عبد الله الخطيب رضي الله تعاليٰ عنہ مشڪوٰة المصابيح جي باب ذکر اليمن والشام وذکر اويس القرني ۾ لکيو آهي تہ "حضرت علي ڪرم الله وجهه فرمايو تہ مون رسول الله ﷺ جن کان ٻڌو، فرمائي رهيا هئا تہ ابدال شام ۾ ٿيندا رهن ٿا. جيڪي چاليهہ مرد آهن، جڏهن هڪڙو رحلت فرمائيندو آهي تہ الله تعاليٰ ڪنهن ٻئي کي ان جي جاءِ تي مقرر فرمائيندو آهي. انهن جي صدقي مينهن وسايا وڃن ٿا ۽ انهن جي صدقي دشمنن تي ڪاميابيون حاصل ڪيون وڃن ٿيون ۽ انهن جي صدقي شام وارن تان عذاب ٽاريو وڃي ٿو." هن حديث پاڪ جي شرح ۾ علامه علي قاري عليه الرحمة مرقاة المصابيح شرح مشڪوٰة المصابيح ۾ لکيو آهي تہ "حضرت عبد الله ابن مسعود رضي الله تعاليٰ عنہ کان مرفوع روايت آهي تہ الله تعاليٰ جي مخلوق ۾ ٽي سؤ اهڙا (ٻانهان) آهن، جن جون دليون حضرت آدم عليه الصلوٰة والسلام جي دل جي موافق آهن ۽ الله تعاليٰ جا چاليهہ اهڙا (ٻانهان) آهن، جن جون دليون حضرت موسيٰ عليه الصلوٰة والسلام جي دل جي موافق آهن، ۽ ان جا ست اهڙا (ٻانهان) آهن، جن جون دليون حضرت ابراهيم عليه الصلوٰة والسلام جي دل جي موافق آهن ۽ ان جا پنج اهڙا (ٻانهان) آهن، جن جون دليون حضرت جبرئيل عليه الصلوٰة والسلام جي دل جي موافق آهن ۽ ان جا ٽي اهڙا (ٻانهان) آهن، جن جون دليون حضرت ميڪائيل عليه الصلوٰة والسلام جي دل جي موافق آهن ۽ ان جو هڪ اهڙو (ٻانهون) آهي، جنهن جي دل حضرت اسرافيل عليه الصلوٰة والسلام جي دل جي موافق آهي. جڏهن اهو هڪڙو رحلت فرمائيندو آهي تہ الله تعاليٰ ٽن مان ڪنهن هڪ کي ان جي جاءِ تي مقرر فرمائيندو آهي ۽ جڏهن ٽن مان ڪو رحلت فرمائيندو آهي تہ



الله تعاليٰ پنجن مان ڪنهن هڪ کي ان جي جاءِ تي مقرر فرمائيندو آهي ۽ جڏهن پنجن مان ڪو رحلت فرمائيندو آهي تہ الله تعاليٰ ستن مان ڪنهن هڪ کي ان جي جاءِ تي مقرر فرمائيندو آهي ۽ جڏهن ستن مان ڪو رحلت فرمائيندو آهي تہ الله تعاليٰ چاليهن مان ڪنهن هڪ کي ان جي جاءِ تي مقرر فرمائيندو آهي ۽ جڏهن چاليهن مان ڪو رحلت فرمائيندو آهي تہ الله تعاليٰ ٽن سون مان ڪنهن هڪ کي ان جي جاءِ تي مقرر فرمائيندو آهي ۽ جڏهن ٽن سون مان ڪو رحلت فرمائيندو آهي تہ الله تعاليٰ عام (مسلمانن) مان ڪنهن هڪ کي ان جي جاءِ تي مقرر فرمائيندو آهي. انهن جي صدقي هن امت تان مصيبتون ٽاريون وڃن ٿيون."

ديوبندين، وهابين جي مڃيل ڪتاب "فتاويٰ حقانيه" مان هڪ فتويٰ وسيلي جي متعلق پيش ڪجي ٿي: "اهل سنت والجماعت وٽ مسئله توسل خواه بالاحياءِ هجي خواه بالاموات، اهڙي طرح ذوات سان هجي، يا اعمال سان بهرحال جائز آهي، بلڪ ارجيٰ للقبول هجڻ ۾ ڪو شبهو نہ آهي. ان ڪري جو ان جي حقيقت ۽ مرجع توسل برحمة الله تعاليٰ آهي. هن طرح تہ فلاڻي مقبول ٻانهي تي جيڪا تنهنجي رحمت آهي، ان جي توسط ۽ وساطت سان دعا گهران ٿو، يا اعمال صالحه کي وسيلو بڻائي الله تعاليٰ کان دعا گهري وڃي تہ اهو جائز آهي ۽ ان ۾ ڪا بہ قباحت نہ آهي. ان جي مشروعيت قرآني آيتہ نبوي احاديث، سلف صالحين جي اقوال ۽ افعال مان ثابت آهي. حضرت زڪريا عليه الصلوٰة والسلام جو حضرت مريم سلام الله عليها جي توسل سان دعا گهرڻ ۽ ان جو قبول ٿيڻ، قرآن پاڪ ۾ ذڪر ٿيل آهي. حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ضعفاءِ مهاجرين جي وسيلي سان فتحيابي جي دعا گهرندا هئا. اهڙيءَ طرح حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنہ جو قحط ساليءَ ۾ حضرت عباس بن عبد المطلب رضي الله تعاليٰ عنہ جي توسل سان باران رحمت لاءِ الله تعاليٰ کان دعا گهرڻ صحيح حديثن ۽ آثار مان ثابت آهي. پر اولياء الله جي توسل سان گهريل دعا جي قبول ڪرڻ کي الله تعاليٰ تي واجب قرار ڏيڻ زيادة علي الشرع جي مترادف آهي. ان ڪري ان قسم جي اعتقاد کان پرهيز ڪرڻ لازمي آهي. (فتاويٰ حقانيه ج اول ص217،218)

حضرت علامه شيخ محمد ڪامل بن مصطفيٰ حسني طرابلسي فتاويٰ ڪامليه ۾ لکيو آهي تہ: وعامة الناس اليوم علي التوسل اليه تعاليٰ بالانبياءِ عليهم السلام وبالاولياءِ والصلحاءِ و الله تعاليٰ اعلم. ترجمو: "هن زماني ۾ عام (اهل علم) ماڻهو هن عقيدي تي آهن تہ الله تعاليٰ جي حضور ۾ نبين، ولين ۽ صالحن جو وسيلو وٺڻ جائز آهي." و الله تعاليٰ اعلم.

وآخر دعوانا ان الحمد لله رب العالمين والصلوٰة والسلام عليٰ رسوله الڪريم الامين وعليٰ آلہٖ واصحابہٖ اجمعين.

هي ڪتاب تاريخ 10 ذوالحج 1426هہ اربع جي ڏينهن شروع ڪيو ويو.
اڄ تاريخ 25 صفر المظفر 1428 خميس جي ڏينهن خير سان پورو ٿيو.

| | |
|---|---|
| عمدة الرعاية حاشيه شرح الوقاية | علامه عبد الحي لكنوي رحمة الله عليه |
| سيرة الامام ابن هشام | علامه ابو محمد عبد الملك بن هشام رحمة الله عليه |
| مكتوبات امام رباني (فارسي) | حضرت مجدد الف ثاني سيدنا شيخ احمد سرهندي فاروقي قدس سره |
| مكتوبات معصوميه | حضرت مرشدي محمد معصوم عروة الوثقيٰ فاروقي سرهندي قدس سره |
| مدارج النبوت | علامه شيخ عبد الحق محدث دهلوي عليه الرحمة |
| جذب القلوب اليٰ ديار المحبوب | علامه شيخ عبدالحق محدث دهلوي عليه الرحمة |
| فتح القوي في نسب النبي | شيخ الاسلام علامه مخدوم محمد هاشم ٹٹوي عليه الرحمة |
| غياث اللغات | علامه غياث الدين رامپوري عليه الرحمة |
| فتاويٰ رضويه (اردو) | اعليٰ حضرت مولانا احمد رضا خان بريلوي عليه الرحمة |
| فتاويٰ حقانيه | مولوي عبد الحق ديوبندي |
| الذكر الحسين | علامه محمد شفيع او كاڑوي نور الله مرقدهٗ |
| قصيده نعمانيه (عربي) | حضرت امام اعظم ابو حنفيه نعمان بن ثابت رضي الله تعاليٰ عنه |
| نشر الطيب (اردو) | مولوي اشرف علي ٹانوي |